ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 18 سيپٽمبر 2026ع 05 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (34)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وزيراعظم شهباز شريف سڄي ملڪ ۾ سادگي ۽ ڪفايت شعاري مهم جي منظوري ڏئي ڇڏي

فيصلو اسلام آباد ۾ ڪفايت شعاري ۽ توانائي جي تحفظ جي قدمن تي اهم اجلاس ۾ ٿيو. عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافي سان پوري دنيا مهانگائي جي لپيٽ ۾ آهي: وزيراعظم

معاشي طور تي ڪمزور ۽ وچولي طبقي جي لاءِ فيول سبسڊي جي شروعات ٿي چڪي آهي، موٽرسائيڪل، رڪشا ۽ 800 سي سي گاڏين کي 100 رپيا في ليٽر جي تناسب سان سبسڊي فراهم ڪئي پئي وڃي

وزيراعظم غيرضروري سرڪاري خرچن ۾ گهٽتائي ۽ قومي وسيلن جي دانشمندانه استعمال کي يقيني بڻائڻ ۽ لاڳاپيل ادارن کي ڪفايت شعاري قدمن تي موثر ۽ فوري عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي هدايت ڪئي

اجلاس ۾ حڪومتي خرچن ۾ گهٽتائي، بارڻ جي تحفظ ۽ سرڪاري وسيلن جي موثر استعمال جي لاءِ اضافي ڪفايت شعاري قدمن جو جائزو، سرڪاري گاڏين لاءِ بارڻ ۾ ٽن مهينن لاءِ 50 سيڪڙو گهٽتائي تي عملدرآمد جي منظوري

دڪان مارڪيٽس شاپنگ مالز بازار ۽ ٻيا ڪاروباري مرڪز رات 9 وڳي، شادي هالز ۽ ٻين تقريبن جون جايون رات 10 وڳي تائين بند ٿيندي، ريسٽورانٽس ڪيفي ڪاڌي پيتي جا مرڪزن لاءِ بندش جو وقت رات 11 وڳي مقرر ڪرڻ جو فيصلو

ڪفايت شعاري جي قدمن تي بنا ڪنهن فرق جي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي ۽ حڪومتي خرچن ۾ گهٽتائي سان گڏوگڏ توانائي ۽ بارڻ جي تحفظ جي لاءِ سمورا ممڪن قدم استعمال ۾ آندا وڃن: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف وچ اوڀر ۾ ڇڪتاڻ جي ڪري عالمي منڊيءَ ۾ پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ اضافي جي ڏس ۾ سڄي ملڪ ۾ سادگي ۽ ڪفايت شعاري مهم جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اهو فيصلو اسلام آباد ۾ وزيراعظم جي صدارت ۾ منعقد ڪفايت شعاري ۽ توانائي جي تحفظ جي قدمن تي اهم اجلاس ۾ ٿيو آهي. وزيراعظم چيو ته عالمي منڊيءَ ۾ تيل جي قيمتن ۾ اضافي سان پوري دنيا مهانگائي جي لپيٽ ۾ آهي. سڀ کان پهرين حڪومت ۽ اشرافيه کان قرباني جي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ دانش يونيورسٽي جي حوالي سان اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

وزيراعظم جي هدايت تي پيٽرول سبسڊي اسڪيم ۾ رجسٽريشن جو ميسيج مفت ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي صلاحڪار راجوير سنگهه وڏي وزير کي رپورٽ پيش ڪندي

سنڌ ڪابينا ۾ ڪٽڪ آبادگارن لاءِ 16 ارب رپيا امدادي پيڪيج منظور، مختلف شعبن ۾ سڌارن جي منظوري

صوبي ۾ 25 ايڪڙن تائين ڪٽڪ جي آبادگارن کي ڊي اي پي ڀاڻ لاءِ سبسڊي ڏيڻ جو فيصلو، ڪٽڪ فراهم ڪندڙ هارين لاءِ اضافي ترغيب هڪ هزار مان وڌائي 2 هزار رپيا في مڻ ڪئي وئي

اين آءِ سي ايڇ ڪراچي ۾ 17 ملين ڊالرن جي لاڳت سان 13 ماڙ بلقيس ۽ عبدالستار ايڌي ميڊيڪل ٽاور جي تعمير جي منظوري، ايڌي فائونڊيشن 10 ۽ سنڌ حڪومت 7 ملين ڊالر فراهم ڪندي

مٽياري ۽ سکر جي ٽن ديهن ۾ زمين جي مالڪي جي حقن جي ڊجيٽل منتقلي وارو نظام شروع ڪرڻ جو فيصلو، ايف بي آر، نادرا ۽ اي-اسٽيمپنگ نظام تحت سهولت فراهم ٿيندي

سنڌ ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس ۾ سڌارن جي منظوري، ڊپٽي ڊسٽرڪٽ پبلڪ پراسيڪيوٽر، جنرل تائين سينيئر عهدن تي سڌي ڀرتي ختم ڪري ترقي ذريعي مقررين جو فيصلو

اجلاس ۾ سنڌ اسپورٽس پاليسي منظور، ڊويزنل اسپورٽس سٽيز، ضلعي اسپورٽس ڪمپليڪس، تعلقي سطح جون سهولتون ۽ نوجوانن لاءِ وڌيڪ نمائندگي ۽ موقعا فراهم ڪرڻ جون تجويزون پيش

ڄامشورو ۾ انٽيليجنس بيورو لاءِ 20 هزار اسڪوائر فوٽ زمين جي منظوري، موٽر گاڏين جي ٽيڪس وصولي ايف بي آر کان 10 ارب رپين جي ريفنڊ سان مشروط ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽ: سجيد عباسي/ راهب گهلو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبائي ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪئي جنهن ۾ ڪٽڪ جي آبادگارن جي مدد کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ هڪ جامع پيڪيج جي منظوري ڏني وئي. زمين جي مالڪي جي حقن جي اليڪٽرانڪ منتقلي لاءِ هڪ تاريخي ڊجيٽل ۽ بلاڪ چين تي ٻڌل نظام شروع ڪيو ويو ۽
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سنڌ ڪابينا جو اجلاس وڏي وزير جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

ڪابل عسڪريت پسند گروهن خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪري ته سرحدي گذرگاهون کوليندا سين: پاڪستان

اسان پنهنجون سرحدون کولڻ، واپار ڪرڻ، افغانستان کي ڪنيڪٽنگ حب جي طور تي استعمال ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيون

پاڪستان دوست ملڪن قطر، ترڪيه ۽ چين جي ذريعي به ڪوشش ڪئي پر افغانستان پاران عملي تعاون جي ڪري اهي ڪوششون ڪامياب نه ٿي سگهيون

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان چيو آهي ته هو سرحدي گذرگاهون بيهر کولڻ، ٽرانزٽ ٽريڊ بحال ڪرڻ ۽ افغانستان کي علائقائي رابطن جي مرڪز جي طور تي استعمال ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي شرط اهو آهي ته ڪابل پاڪستان مخالف عسڪريت پسند گروهن جي خلاف فيصلائتي ۽ تصديق جوڳي ڪارروائي ڪري. خميس ڏينهن
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ بي آفيسرن جو سينٽرل پوليس آفيس جو دورو، جديد نگراني نظام جو جائزو

آفيسرن جي 18 رڪني وفد پاران ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر ۽ ٻين شعبن جو معائنو ڪيو ويو

وفد کي سنڌ پوليس جي آپريشنل ڪمن جي روڪٿام ۽ ٽيڪنالاجي بابت بريفنگ ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي حساس سول اداري آءِ بي جي، سينيئر بيسڪ انٽيليجنس ڪورس هيٺ تربيت حاصل ڪندڙ آفيسرن سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي جو دورو ڪيو ڊائريڪٽر ٽريننگ
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آمريڪي نمائندن واري ايوان پاران ايران ۽ روس تي نيون پابنديون لڳائڻ جي بل جي منظوري

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي نمائندن واري ايوان ايران ۽ روس خلاف وسيع
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

جماعت اسلامي طرفان سنڌ لوڪل گورنمينٽ بل خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل

مڪاني ادارن کي انتظامي، سياسي ۽ مالي اختيار ڏيڻ جو مطالبو

ڪراچي جا ڪيترائي مڪاني اختيار صوبائي حڪومت منتقل ڪري ڇڏيا آهن: منعم ظفر خان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان چيو آهي ته سنڌ لوڪل گورنمينٽ ايڪٽ ۾ ترميم ۽ سنڌ لوڪل گورنمينٽ بل 2026 خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سرڪاري گاڏين جي فيول ۾ 50 سيڪڙو ڪٽوتي، نئين گاڏين جي خريداري ۽ پرڏيهي دورن تي پابندي

بارڻ جي بچت ۽ اضافي ڪفايت شعاري قدمن سميت ڪفايت شعاري ۽ بارڻ جي بچت جا قدم لاڳو ڪرڻ جي هدايت

قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، ڪسٽم ۽ ايف بي آر ۽ ضروري خدمتن جي آپريشنل گاڏين کي ان ڪٽوتي کان ڇوٽ ڏني وئي

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي حڪومت بارڻ جي بچت ۽ اضافي ڪفايت شعاري تحت سرڪاري گاڏين جي فيول ڪوٽا ۾ فوري طور تي 50 سيڪڙو ڪٽوتي، نئين گاڏين جي خريداري تي مڪمل پابندي ۽
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

مير رضا قتل ڪيس: عدالتي ڪميشن پاران اڳوڻي جاچ آفيسر کان سخت پڇاڻو

واقعي واري هنڌ رڳو هڪ گملي جي ٺڪري تي رت جا نشان ملڻ بابت خدشا ظاهر

نوجوان جو لاش ڪنهن ٻئي هنڌ تان آڻي اڇلائڻ جي امڪان تي جاچ نه ڪرڻ بابت پڇاڻو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا قتل ڪيس ۾ عدالتي ڪميشن اڳوڻي جاچ آفيسر شبير لغاري جي جاچ بابت عدم
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سرڪاري آفيسن ۾ ڪم ڪار جي وقت ۾ تبديلين بابت نوٽيفڪيشن جعلي قرار

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

شهيد عثمان غني مزدورن ۽ مظلوم طبقن لاءِ سگهارو آواز هو: بلاول ڀٽو زرداري

سندس بهادري، عزم ۽ انصاف تي يقين شهيد جي زندگيءَ جو بهترين مثال هو

اسان مزدورن جي حقن ۽ سماجي انصاف لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين: پ پ چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ ملڪ جي نامياري مزدور
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ايران کي معاهدو چاهي ٿو جنگ خاتمي جي ويجهو آهي: آمريڪي صدر

جنگ ۽ آبنائي هرمز ۾ ڇڪتاڻ سبب تيل، بارڻ ۽ ٻين شين جي قيمتن ۾ اضافو

آمريڪي ووٽرز جي گهٽتي وڌي وئي وڌيڪ معاشي دٻاءَ سان صورتحال وڌيڪ خراب ٿيندي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر دعويٰ ڪئي آهي ته ايران ڪنهن معاهدي تائين پهچڻ چاهي ٿو
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وڪيلن جو بنيادي مقصد پنهنجي پيشي جي عزت هجڻ گهرجي: وزير قانون

وڪيلن جو رشتو حڪومتن ۽ وزارتن جو ناهي، پر پيشيورانه وابستگي جو آهي

بار ۽ وڪيلن جي معاملن ۾ پيشيورانه مفادن ۽ وقار کي مٿانهون رکڻ گهرجي

راولپنڊي (اي پي پي) قانون ۽ انصاف واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته حڪومت ۽ وڪيلن جو رشتو
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

پيٽروليم ليوي خلاف جماعت اسلامي جو 20 سيپٽمبر تي اسلام آباد ۾ مارچ ۽ ڌرڻي جو اعلان

مارچ پرامن ۽ تاريخي هوندو جنهن ۾ سڄي ملڪ مان ڪارڪن ۽ شهري شرڪت ڪندا: انجنيئر نصرالله رنڌاوا

حڪومت سان ڳالهين دوران متبادل آمدني جا ذريعا پڻ تجويز ڪيا ويا، پر 20 سيپٽمبر واري مارچ جي ڪال برقرار آهي: نصرالله رنڌاوا

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جماعت اسلامي پيٽروليم ليوي خلاف 20 سيپٽمبر تي اسلام آباد مارچ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته مطالبا منظور ٿيڻ تائين ڊي چوڪ تي ڌرڻو جاري رکيو ويندو. جماعت اسلامي اسلام آباد جي امير انجنيئر نصرالله رنڌاوا اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مارچ پرامن ۽ تاريخي هوندو جنهن ۾
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

معيشت ۾ نجي شعبي جي اثرائتي ڪردار کي يقيني بڻائڻ لاءِ حڪومت سڌارا آڻي پئي: ناڻي وزير

ناڻي وزير محمد اورنگزيب تقريب ۾ خاص مهمان طور شريڪ، اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جو گورنر جميل احمد پڻ موجود هو

توانائي جي شعبي ۾ سڌارن، مالي معاملن ۾ شفافيت ۽ ڪاروبار ۾ آساني جي قدمن سان ملڪ جي معيشت مستحڪم ٿيندي: سينيٽر محمد اورنگزيب

پاڪستان جي معيشت، سيڙپڪاري جي ماحول، عالمي مالياتي ادارن سان سهڪار ۽ مختلف شعبن ۾ سيڙپڪاري جي موقعن تي ڳالهيون ڪيون ويون

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن بابت وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته نجي شعبي کي وڌيڪ موقعا ملڻ ۽ معيشت ۾ نجي شعبي جي اثرائتي ڪردار کي يقيني بڻائڻ لاءِ حڪومت مختلف شعبن ۾ سڌارا آڻي رهي آهي، سڌارن مالي معاملن ۾ شفافيت ۽ ڪاروبار ۾ آساني جي قدمن سان ملڪ جي معيشت
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

لنڊن: ناڻي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب سيڙپڪاري ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

وڏي وزير جي گورنر سان ملاقات، سندس سهري جي لاڏاڻي تي تعزيت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي سان سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران وڏي وزير سيد
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ عارف علوي جي سرڪاري گهر بابت درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ اڳوڻي صدر ڊاڪٽر عارف علوي کي الاٽ ٿيل سرڪاري گهر جو قبضو نه ملڻ بابت درخواست تي ڌرين جي وڪيلن جا دليل
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ کي پي جي وزير سان گڏجاڻي ڪندي

بلوچستان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو ڪامياب آپريشن، فتنه الهندستان جا 3 دهشتگرد مارجي ويا

فتنه الهندستان جي دهشتگردن جي قبضي مان وڏي مقدار ۾ جديد آٽوميٽڪ هٿيار، ڌماڪيدار مادو هٿ

ڪوئيٽا (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي آواران جي علائقي بدرنگ ۾ آپريشن رد الفتنه 3 تحت
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: قانون وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ بار کي خطاب ڪري رهيو آهي

حڪومت هارين جي سهائتا ۽ زرعي شعبي کي مضبوط بڻائڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي: صوبائي وزير

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي 20 ارب جو سبسڊي پيڪيج متعارف ڪرايو پيو وڃي: محمد بخش مهر

جيڪڏهن گذريل سال گودامن ۾ ڪڻڪ موجود نه هجي ها ته اڄ جو وڏو بحران پيدا ٿئي ها: جام خان شورو

سنڌ اسيمبلي نون صوبن خلاف قرارداد منظور ڪئي آهي، ڌرتي جو ورهاڱو قبول نه ڪيو ويندو: سعيد غني/ ناصر شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ڪابينا جي اجلاس کانپوءِ صوبائي وزير زراعت سردار محمد بخش خان مهر، صوبائي وزير آبپاشي، منصوبابندي ۽ ترقي جام خان شورو، صوبائي وزير بلديات ناصر حسين شاهه ۽ صوبائي وزير محنت سعيد غني گڏيل پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي ڪابينا جي اهم فيصلن ۽ هارين، رانديگرن،
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ زمين جي رڪارڊ ۾ فراڊ ۽ ملڪيت جا تڪرار روڪڻ حڪومت جي ترجيح آهي: شرجيل ميمڻ

صوبائي ڪابينا زمينن جو رڪارڊ بلاڪ چين ذريعي شفاف بڻائڻ جي منظوري ڏني آهي

هن منصوبي سان عوام کي غيرضروري دفتري چڪرن کان ڇوٽڪارو ملندو ۽ شفافيت ۾ واڌ ٿيندي

اين آءِ سي ايڇ ۾ 445 بسترن واري ميڊيڪل ٽاور ۽ نوجوانن لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جا منصوبا به شامل آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي گهٽين، پارڪنگ سميت آءِ ٽي سهولتن کي جديد بڻائڻ لاءِ قدم تيز

مختلف علائقن ۾ اندروني گهٽين جي بحالي ۽ روڊن جي تعمير جا ڪم جاري آهن: ڪرم الله وقاصي

شادمان آءِ ٽي سينٽر مڪمل ڪمپيوٽر ۽ مصنوعي ذهانت جا مفت ڪورس ڪرائڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي ترجمان ۽ ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي پارلياماني
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻو: ٻار مينهن مٿان سواري ڪري رهيا آهن

شهيد عثمان غني جي 31هين ورسي: مزدورن جي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکڻ جو عزم

منهنجي بابا شهيد آمريت واري دور ۾ مزدورن ۽ پورهيتن لاءِ آواز بلند ڪيو: سعيد غني

اسان پورهيتن جي ڀلائي ۽ زندگي جو معيار بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوششون جاري رکنداسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت،
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي برنس روڊ کي جديد طرز جي فوڊ اسٽريٽ بڻائڻ جو فيصلو

چيف سيڪريٽري سنڌ پاران ترقياتي ۽ خوبصورتي جي ڪمن جو جائزو ورتو ويو

دڪاندارن جي خاتمي، صفائي ۽ آمدرفت بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي گڏيل ڪارروائي جو حڪم

ڪراچي جي گهٽين، پارڪنگ سميت آءِ ٽي سهولتن کي جديد بڻائڻ لاءِ قدم تيز

ڪراچي (بيورو رپورٽ) چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه رات دير سان برنس روڊ ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن جو دورو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مختلف واقعن ۽ حادثن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا مارجي ويا

سرجاني ۾ دوست جي فائرنگ، 45 ورهين جو شخص قتل، جوابدار فرار ٿي ويو

مختلف علائقن مان ٻن ڄڻن جا لاش مليا، پينس ڪالوني ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب عورت فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 5 ڄڻا مارجي ويا. تفصيل
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ بورڊز ڪميٽي لاءِ فقير محمد لاکو چيئرمين مقرر، نوٽيفڪيشن جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انٽر بورڊز ڪوآرڊينيشن ڪميشن (آءِ بي سي سي) اعليٰ ثانوي تعليمي بورڊ ڪراچي جي چيئرمين فقير محمد لاکو کي سنڌ بورڊز
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسٽيل ملز مان 36 ٽن سامان جي چوري، 8 جوابدارن خلاف حتمي چالان جمع

سيڪيورٽي گارڊن ۽ سينيئر آفيسر سميت 8 ڄڻن جا نالا چالان ۾ شامل

پوليس پاران چوري ٿيل سامان سان ڀريل ڊمپر سميت جوابدار گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

هڪ جوابدار ناڪافي شاهدين سبب چالان مان خارج، ڊائريڪٽر اي اينڊ بي جي ضمانت درخواست داخل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جوڊيشل مئجسٽريٽ ملير جي عدالت ۾ پاڪستان اسٽيل ملز مان 22 ويلر ٽرڪ ذريعي 36 ٽن سامان
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: اڳوڻو آفيس سپرنٽينڊنٽ ڪمشنر آفيس حيدرآباد نثار چارڻ لاڏاڻو ڪري ويو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) اسلام آباد جي سينيئر صحافي سنڌ ٽي وي اسلام آباد جي بيورو چيف نظير چارڻ جو وڏو ڀاءُ اڳوڻو آفيس سپرنٽينڊنٽ ڪمشنر آفيس
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: شهيد پوليس اهلڪار جنازي تي گل رکيا پيا وڃن

سنڌ ۾ پوليو جي خاتمي بابت فالو اپ اجلاس، پرنٽ ميڊيا مهم هلائڻ جو فيصلو

سيڪريٽري اطلاعات ڪاشف گلزار شيخ جي صدارت هيٺ صوبائي ٽاسڪ فورس جو اجلاس منعقد ٿيو

عوام ۾ پرنٽ، اليڪٽرانڪ، سوشل ۽ ڊجيٽل ميڊيا ذريعي ويڪسين بابت آگاهي وڌائڻ تي اتفاق

ضلعي سطح تي آگاهي مهم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل آفيسرن کي فعال ڪردار ادا ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سيڪريٽري اطلاعات سنڌ ڪاشف گلزار شيخ جي صدارت هيٺ پوليو جي خاتمي بابت صوبائي ٽاسڪ فورس جو فالو اپ اجلاس سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ وزيراعليٰ سنڌ جي صدارت هيٺ منعقد ٿيل صوبائي ٽاسڪ فورس جي اجلاس ۾ ڏنل
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ شهيد پوليس اهلڪار جي نماز جنازه سرڪاري اعزاز سان ادا ڪئي وئي

ايئرپورٽ ٿاڻي جي حد ۾ جوابدارن جي فائرنگ دوران شاهين فورس جو اهلڪار شهيد ٿيو

ايڊيشنل آءِ جي، سينيئر پوليس آفيسرن، رينجرز ۽ وارثن جنازي ۾ شرڪت ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي پوليس جي شهيد ڪانسٽيبل اسد خان جي نماز جنازه ايسٽ هيڊڪوارٽر ۾ سرڪاري اعزاز سان ادا
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ گهر آيل ناٽي جي فائرنگ ۾ سالو مارجي ويو، سندس سهرو زخمي

ايم پي آر ڪالوني مجيب ڳوٺ ۾ فائرنگ، 22 ورهين جو نوجوان زرولي خان قتل ٿي ويو

گولين لڳڻ سبب جوابدار جو سهرو 62 ورهين جو عبدالصمد سخت زخمي، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون جي ايم پي آر ڪالوني مجيب ڳوٺ ۾ ناٽي پنهنجي ساٿين سان گڏجي سهري ۽ سالي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ نوجوان روشم خان جي قتل خلاف ڌرڻو جاري، سياسي ڌرين جي شرڪت

ن ليگ ۽ ٻين پارٽين جي اڳواڻن پاران قاتلن جي فوري گرفتاري ۽ وارثن کي انصاف ڏيڻ جو مطالبو

قتل واري واقعي ۾ پوليس وردي جي مبينا استعمال واري رخ جي به جاچ جو مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) منگهوپير جي علائقي ۾ گهر اندر ڦر دوران 16 ورهين جي حافظ قرآن روشم خان جي قتل خلاف
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: اي آءِ جي عرفان بلوچ ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ چڻن ڄڻن جي قتل ۾ ملوث جوابدار گرفتار، ڏوهه جو اعتراف

جوابدار همايون چار ڪلاڪ گهر اندر موجود رهيو، قتل کانپوءِ ثبوت ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

گهرو وزير پاران ڊي آءِ جي ۽ ايس ايس پي ويسٽ سميت پوليس ٽيم جي ڪارڪردگي جي ساراهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سرجاني ٽائون ۾ عورت ۽ ٽن ٻارن جي قتل واري واقعي ۾ مقتولا جي مڙس همايون کي گرفتار ڪيو
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

جهانسبرگ: سنڌ اسيمبلي جو اسپيڪر اويس قادر شاهه عالمي ڪانفرنس ۾ شريڪ آهي

لاڙڪاڻي ۾ ٽيڪس ادا نه ڪندڙ ٻن بيوٽي پارلرن تي ڇاپا، ليپ ٽاپ ۽ رڪارڊ ضبط

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو شهر جي لاهوري پاڙي ۾ انڪم ٽيڪس جي عملدارن ٽيڪس جي لاڳو قانون تي عمل
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

ڪاليج ايجوڪيشن کاتي پاران سست رفتار ترقياتي اسڪيمون تيز ڪرڻ جو حڪم

سيڪريٽري نديم ميمڻ نامڪمل ۽ غيرتسلي بخش منصوبن جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو

غيرتسلي بخش اسڪيمن جا فوري نيلام وزٽ ڪري عملي صورتحال جي رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي ڪاليج ايجوڪيشن کاتي جي سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت هيٺ ڪاليج ايجوڪيشن کاتي جي ترقياتي اسڪيمن جي اڳڀرائي جو جائزو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ پوري صوبي ۾ جاري ترقياتي اسڪيمن، مڪمل ٿيڻ جي ويجهو
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ اردلي روم، 4 برطرف پوليس اهلڪار بحال، هڪ جبري رٽائرڊ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو شيراز نظير پنهنجي آفيس ۾ اردلي روم ڪوٺايو جنهن ۾ 23 پوليس آفيسر ۽
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير قيصر احمد شيخ آمريڪي وقتي سفير نيٽلي بيڪر سان گڏجاڻي ڪندي

لاڙڪاڻي مان خواجه غلام فريد جي عرس لاءِ 53 اسڪائوٽس ۽ 11 درگاهن جا فقير ڪوٽ مٺڻ روانا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) حضرت خواجه غلام فريد رحمته الله عليه جي 129 هين عرس مبارڪ تي ڊيوٽي ڪرڻ لاءِ لاڙڪاڻي جا
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس ۾ موسمياتي تبديلي، مصنوعي ذهانت ۽ انساني حقن تي غور

مختلف ورڪشاپس ۾ موسمياتي تبديلين ۽ انهن سان هم آهنگ ٿيڻ بابت بحث ڪيو ويو

سنڌ اسيمبلي اسپيڪر اويس قادر شاهه اياز صادق ۽ ٻين پارلياماني اڳواڻن سان ملاقاتون ڪيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس جي سلسلي ۾ اربع ڏينهن مختلف اهم ورڪشاپس ۽ اجلاس منعقد ٿيا. ورڪشاپس دوران موسمياتي تبديلين کي منهن ڏيڻ ۽ انهن جي اثرن
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ملڪ کي آئين تحت هلايو وڃي، سنڌ اسيمبلي اڪثريت سان نئون صوبو رد ڪري ڇڏيو آهي: نثار کهڙو

نوان صوبا ناهڻا آهن ته پنجاب ۽ ڪي پي ڪي ۾ ناهيا وڃن، سنڌ جو عوام ورهاڱي کي قبول نه ڪندو

پاڪ فوج بين الاقوامي سطح تي ملڪ جو وقار بلند ڪيو آهي فوج کي سياست ۾ ملوث نه ڪرڻ گهرجي

سنڌ ۾ زراعت، معدنيات، ڪوئلو ۽ پورٽ آهي ان تي بدنظمي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي آئين ناهيندڙ جماعت آهي ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ کي متفق آئين ڏنو ۽ آئين ملڪ لاءِ هڪ روڊ ميپ آهي ان لاءِ ملڪ کي آئين تحت هلائڻ گهرجي اهڙن خيالن جو اظهار هن لاڙڪاڻو بار ۾ پيپلز لائيرس فورم پاران
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سرگوڌا: هلندي برسات ۾ هڪ عورت پنهنجي ٻچڙي کي کڻي روڊ پار ڪري رهي آهي

ڏڳهڙي پرسان مريد مائٽر شاخ مان نامعلوم شخص جو ڳريل لاش هٿ، مرده خاني حوالي

ڏڳهڙي (ن ع) ڏڳهڙي پرسان مريد مائٽر شاخ مان نامعلوم شخص جو ڳريل لاش هٿ. ڏڳهڙي پرسان مريد مائٽر واهه مان هڪ نامعلوم شخص جو ڳريل لاش هٿ آيو آهي مقامي ماڻهن واهه جي پاڻي ۾ لاش لڙهندي ڏسي ڏڳهڙي پوليس کي اطلاع
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اسڪول جي پڪنڪ دوران معصوم شاگردياڻي سوئمنگ پول ۾ ٻڏي فوت

گلاب جي واٽر پارڪ ۾ چوٿين جماعت جي شاگردياڻي هنيزا اونهي پاڻي ۾ ٻڏي وئي

شاگردياڻي جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس پاران واقعي جي جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ گلاب ٽائون ۾ واقع واٽر پارڪ ۽ فارم هائوس تي اسڪول جي پڪنڪ تي آيل چوٿين
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 700 کان وڌيڪ فنڪارن، اديبن ۽ شاعرن جي مالي سهائتا لاءِ درخواستون وصول

انڊومينٽ فنڊ اجلاس ۾ درخواستن جو جائزو ورتو ويو نون مستحق نالن جي منظوري

انڊومينٽ فنڊ جو مقصد مستحق فنڪارن، اديبن ۽ شاعرن کي ڏکيائين ۾ سهارو ڏيڻ آهي: ذوالفقار شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير ثقافت سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ثقافت کاتي جي
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي سينڊيڪيٽ جي چونڊ 3 اميدوار بنا مقابلي ڪامياب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽيءَ ۾ سينڊيڪيٽ جي فيڪلٽي جي خالي ٿيل ٽن سيٽن تي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ سکيا ڪورس جاري، سنڌي ٻولي سنڌو ماٿري جي قديم ثقافت سان ڳانڍاپي جو اهم ذريعو قرار

سنڌي ٻولي سکڻ سان ماڻهن کي سنڌ جي ثقافت ۽ تاريخ کي سمجهڻ ۾ آساني ٿيندي: هدايت الله راڄڙ

لياقت ميموريل لائبريري ۾ به لک ڪتاب آهن، جلد مفت ترڪي ٻولي سکيا ڪورس شروع ڪيو ويندو

آمريڪي قونصل خاني جي لنڪنس ڪارنر ۽ ترڪي حڪومت جي سهڪار سان ٽرڪش سينٽر پڻ قائم ڪيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٻوليءَ جي سکيا ثقافت جي واڌاري جو اهم ذريعو هوندي آهي. صديون پراڻي سنڌو ماٿري تهذيب جي وڌ ۾ وڌ پهلوئن سان آشنائي سنڌي ٻوليءَ رستي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. دنيا جون سموريون ٻوليون دلين کي ڳنڍيندڙ ٿيون سنڌي ٻولي به پنهنجي نون سکندڙن کي محبتون آڇي ٿي ۽ ڪيئن
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه گورنر نهال هاشمي سان سهري جي تعزيت ڪندي

ٽنڊوڄام ۾ عورت ۽ معصوم پٽ جي مبينا اغوا خلاف مڙس جو احتجاج، بازيابي جو مطالبو

ٽنڊوڄام (ن ر) ٽنڊوڄام ۾ عورت کي معصوم پٽ سميت مبينا اغوا ڪري قيد رکڻ خلاف مڙس پاران ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ڳوٺ ڪريمداد خاصخيلي جي رهواسي
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 روزاني عبرت

نيشنل انسٽيٽيوٽ آف چائلڊ هيلٿ ڪراچي ۾ 13 ماڙ 445 بسترن واري بلقيس ۽ عبدالستار ايڌي ميڊيڪل ٽاور جي اڏاوت جي منظوري ڏني وئي ڪابينا ڪرمنل پراسيڪيوشن سروس ۾ سڌارن سنڌ اسپورٽس پاليسي اعليٰ تعليم جي ترميمن ۽ صحت ليڪسيشن مقامي حڪومت پورهيتن زمين جي انتظاميا ۽ نوجوانن جي ترقيءَ بابت ڪيترن ئي بين قدمن جي پڻ منظوري ڏني وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيل اجلاس ۾ صوبائي وزيرن صلاحڪارن خاص معاونن چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه ۽ اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي جنهن ۾ 23 ايجنڊا جي نقطن تي غور ڪيو ويو ۽ هارين جي مدد کي مضبوط بڻائڻ صحت جي بنيادي ڍانچي کي وڌائڻ عوامي خدمتن کي جديد بڻائڻ ۽ ادارتي حڪمراني کي بهتر بڻائڻ وارا فيصلا ڪيا ويا. ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ امدادي پيڪيج: ڪابينا زراعت واري وزير محمد خان بخش مهر جي سربراهيءَ ۾ قائم وزيرائي ڏيلي ڪميٽي جي سفارشن ڪابينه 25 ايڪڙن تائين زمين رکندڙ ڪڻڪ جي آبادگارن لاءِ هڪ وڏايل امدادي پيڪيج جي منظوري ڏني ڏيل ڪميٽي ڊي اي پي (DAP) ڀاڻ جي قيمتن ۾ متوقع واڌ سبسڊي جي اختيارن ڪڻڪ جي خريداري جي ترغيبن امدادي قيمت ۽ فائدو وٺندڙن لاءِ ڊجيٽل تصديقي نظام ۾ بهتريءَ جو جائزو ورتو هو منظور ٿيل طريقيڪار تحت اهل ڪڻڪ جي آبادگارن کي ڊي اي پي ڀاڻ يا ڪنهن منظور ٿيل متبادل جي خريداري لاءِ هڪ مقرر ڪيل سبسڊي ملندي جڏهن ته خوراڪ کاتي کي ڪڻڪ فراهم ڪندڙ هارين کي فراهم ڪيل ڪڻڪ جي مقدار جي بنياد تي اضافي ...

جيڪو زميني انتظاميا کي جديد بڻائڻ ۽ ملڪيت جي خريد و فروخت کي تيز شفاف ۽ شهري دوست بڻائڻ ڏانهن هڪ وڏو قدم آهي. بورڊ آف روينيو جي سهڪار سان سکر آءِ بي اي يونيورسٽي پاران تيار ڪيل هي آءِ ٽي (IT) تي ٻڌل نظام ٺٽي پائلٽ ديهن جي هٽ اڪرين زميني رڪارڊ جي 100 سيڪڙو ڊجيٽلائيزيشن ۽ تياري ڪانيءَ عملدرآمد لاءِ تيار آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

پرڏيهي آفيس جي ترجمان سجاد حيدر خان هفتيوار پريس بريفنگ ۾ چيو ته جيڪڏهن افغانستان دهشتگردي جي خاتمي جي حوالي سان تعاون ڪري ته پاڪستان جي لاءِ سرحد گذرگاهون کولڻ ٽرانزٽ ٽريڊ جي بحالي سميت ان بندش کي جاري رکڻ جو ڪو سبب نه آهي اسان پنهنجون سرحدون کولڻ واپار ڪرڻ افغانستان کي ڪنيڪٽنگ حب جي طور تي استعمال ڪرڻ جي لاءِ تيار آهيون ۽ پورو خطو اصل ۾ هڪ پرامن خطي مان فائدو کڻي سگهي ٿو اسان جي پاليسي هڪ پرامن افغانستان جي رهي آهي جيڪو اندر کان به پرامن هجي ۽ پاڙيسري ملڪن سان به پرامن هجي

بقايا 3 روزاني عبرت

پابندين تي ٻڌل هڪ بل 159 جي ڀيٽ ۾ 262 ووٽن سان منظور ڪري ورتو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق ان بل کي اڃا ٿي سينيٽ جي منظوري حاصل ٿي چڪي آهي ۽ هاڻي ان کي صحيحين لاءِ صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي موڪليو ويندو لنڊسي گراهم روس اينڊ ايران سينڪشنز ايڪٽ جي نالي سال پيش ڪيل ان قانون جو مقصد روس تي اقتصادي دٻاءُ وڌائڻ سان گڏو گڏ ان ...

حڪومت سنڌ

پروگرام مئنيجمينٽ يونٽ

ايڪسيلريٽڊ ايڪشن پلان (AAP) فار رڊڪشن آف اسٽنٽنگ مالنيوٽريشن سنڌ

(فشريز سيڪٽر)، ڪراچي.

بنگلو نمبر C-6، بلاڪ F، گلشن جمال، راشد منهاس روڊ، ڪراچي.

ڪئمپ@ حيدرآباد فون: 021-99333596

نمبر: PC/AAP /NIT FS/PH-1/1684/ 2026 تاريخ: 16-09-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

موجوده مالياتي سال 27-2026 لاءِ فرمز/ ڪمپنين/ سپلائرز/ سول ڊسٽريبيوٽرس کان مقرر ڪيل واڪ دستاويزن تي هيٺين شين لاءِ مهر بند آڇون گهربل آهن.

ٽينڊر نمبر	تفصيل	ٽينڊر فيس
1	Labeo rohita (ڏيرو)، 4 انچن کان گهٽ نه هجي.	-/2,000 روپيا
2	Cirrhinus mirgala (موراکي)، 4 انچن کان گهٽ نه هجي.	-/2,000 روپيا
3	Catla catla (ٿيري)، 3 انچن کان گهٽ نه هجي.	-/2,000 روپيا
4	Hypophthalmichthys molitrix (سلور ڪارپ)، 4 انچن کان گهٽ نه هجي.	-/2,000 روپيا
5	Cyprinus Carpio (گلفام)، 4 انچن کان گهٽ نه هجي.	-/2,000 روپيا

1. خواهشمند فرمون/ ڪمپنيون/ سپلائرز/ سول ڊسٽريبيوٽرس EPADs تان واڪ دستاويزن جو مڪمل سيٽ ڊائونلوڊ ڪري سگهن ٿا ۽ ڪال ڊپازٽ/ پي آرڊر جي صورت ۾ پروگرام ڪوآرڊينيٽر، ايڪسيلريٽڊ ايڪشن پلان (فشريز سيڪٽر)، ڪراچي جي نالي ناقابل واپسي فيس جمع ڪرائي سگهن ٿا.
2. فرمز/ ڪمپنيون/ سپلائرز/ سول ڊسٽريبيوٽرس وٽ انڪم ٽيڪس، جنرل سيلز ٽيڪس (FBR) سان ڪارآمد رجسٽريشن هجڻ ضروري آهي.
3. فرمز/ ڪمپنيون/ سپلائرز/ سول ڊسٽريبيوٽرس لاءِ ضروري آهي ته اهي ڪل آڇ جي 5% بڊ سيڪيورٽي ڊيمانڊ ڊرافٽ/ ڪال ڊپازٽ/ پي آرڊر جي صورت ۾ پروگرام ڪوآرڊينيٽر، ايڪسيلريٽڊ ايڪشن پلان (AAP) فار رڊڪشن آف اسٽنٽنگ مالنيوٽريشن سنڌ (فشريز سيڪٽر)، ڪراچي جي حق ۾ جمع ڪرائڻ.
4. آڇ جو طريقو هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار هوندو. فرمون/ ڪمپنيون/ سپلائرز/ سول ڊسٽريبيوٽرس هڪڙو ئي لفافو تيار ڪندا جنهن ۾ ٽيڪنيڪل ۽ فائنشل تجويزون شامل هونديون.
5. پروڪيورنگ ايجنسي وٽ SPPRA رولز 2010 (وقت بوقت ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل ترجيحن تحت ڪنهن به آڇ يا تجويز جي منظوريءَ کان اڳ سڀ يا ڪا به آڇ يا واڪ جو عمل رد/ منسوخ ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
6. ريٽ سيني سرڪاري ٽيڪسن سميت ڏنا وڃن جتي به قواعد موجب لاڳو هجن. وڊيڪ، ٽيڪس/ واجبات سرڪاري پاليسي موجب ڪاٽيا ويندا.
7. فرمون/ ڪمپنيون/ سپلائرز/ سول ڊسٽريبيوٽرس واڪ دستاويز ۾ ڏنل اهليت جي معيار جي ضرورت موجب واڪ جي عمل ۾ حصو وٺڻ جا اهل هوندا.
8. آچون پاڪستاني رپئي/ ڪرنسيءَ ۾ هجڻ لازمي آهن.
9. سپلائي آرڊر مالياتي کاتي پاران فنڊن جي جاري ٿيڻ موجب ڏنو ويندو.
10. مڇيءَ جو ٻج (فش سيڊ) منڇر ڍنڍ، جامشورو کان سواءِ سنڌ جي سمورن عوامي پاڻيءَ وارين جاين ۽ ڊيمو مڇيءَ جي تلاءَ/ڪميونٽي تلاءَ ۾ وڌو ويندو.
11. سپلائي جي تڪميل گهرج جي جدول/سپلائي آرڊر ۾ ڏنل وقت اندر ڪئي ويندي.
12. جيڪڏهن حڪومت ڪنهن عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي ته ٽينڊر اينڊڙ ڪم واري ڏينهن تي کوليا ويندا.
13. واڪ دستاويزن جو مڪمل سيٽ هيٺين شيڊيول موجب خريد ۽ جمع ڪري سگهجي ٿو.

ٽينڊر جاري ٿيڻ جي تاريخ:	اشاعت جي تاريخ کان.
ٽينڊر جاري ٿيڻ جي آخري تاريخ:	07-10-2026 دفتري ڪلاڪن دوران
ٽينڊر جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ:	08-10-2026 منجهند 12:00 وڳي کان اڳ
ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل تجويزون کولڻ:	08-10-2026 تي منجهند 12:30 وڳي
واڪ دستاويزن جي جاري ٿيڻ جي جاءِ:	پروگرام مئنيجمينٽ يونٽ (PMU)، C-6، بلاڪ F، گلشن جمال، راشد منهاس روڊ ڪراچي. فون: 021-99333596 (ڪئمپ آفيس حيدرآباد).
ٽينڊر جمع ڪرائڻ ۽ کولڻ جي جاءِ:	پروگرام مئنيجمينٽ يونٽ (PMU)، C-6، بلاڪ F، گلشن جمال، راشد منهاس روڊ ڪراچي.

ڊاڪٽر غلام قادر جمالي
پروگرام ڪوآرڊينيٽر

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF-KRY/4083/26

آفيس آف ڊي آءِ - آءِ - جي - پي ٽيلي ڪميونيڪيشن سنڌ ڪراچي

No. 7704 / Tele/ DP/ 2026, Karachi, Dated 13-07-2026

آخري سبب ڄاڻايو نوٽيس

آئون آءِ - آءِ - جي ٽيلي ڪميونيڪيشن سنڌ ڪراچي سنڌ Police (E&D) 1988 Rule 3 (a) (b) تحت هيٺ ڏنل الزامن تحت بطور اٿارٽي هيڊ ڪانسٽيبل نمبر 967 نويد انجم کي نوٽيس جاري ڪريان ٿو ته توهان تاريخ 02-05-2026 کان بغير ڪنهن اطلاع جي پنهنجي ڊيوٽيءَ تان غير حاضر آهيو. جنهن لاءِ توهان کي پهريان سبب ڄاڻايو نوٽيس ۽ پوءِ حتمي سبب ڄاڻايو نوٽيس توهان جي رهائشي پتي تي موڪليو ويو، پر نه ئي توهان ڊيوٽيءَ تي حاضر ٿيا ۽ نه ئي توهان جي طرفان انهن جو جواب داخل ڪيو ويو. قانون موجب توهان جو اهو عمل انتهائي غير ذميوارانو آهي ۽ چو نه توهان جي خلاف محڪماتي ڪارروائي ڪئي وڃي.

هن اشتهار ذريعي توهان کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته 07 ڏينهن اندر جيڪڏهن توهان جو جواب وصول نه ٿيو يا توهان ڊيوٽيءَ تي حاضر نه ٿيا ته اهو سمجهيو ويندو ته توهان وٽ پنهنجي دفاع ۾ چوڻ لاءِ ڪجهه ناهي ۽ هڪ طرفي طور قانون موجب توهان جي خلاف ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

(ذوالفقار علي ٽالپر) PSP
اسسٽنٽ انسپيڪٽر جنرل آف پوليس
پوليس ٽيلي ڪميونيڪيشن سنڌ
ڪراچي

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/4130/2026

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

ڪفايت شعاري مهم، رڳو عوام تي بار نہ هئڻ گهرجي
صفحو 4

اياز وگهيو
دنيا ۾ جنگ جي پاڇي هيٺ ايرندڙ سچ!
صفحو 4

ڪيپ ٽائون کان سنڌ اسيمبليءَ تائين: پارلياماني سفارتڪاريءَ جو سفر!
محمد فاروق راجپوت
صفحو 4

محمد ياسر
پرڏيهي ڪرنسي جا ذخيرا: پاڪستان لاءِ هڪ قيمتي اثاثو
صفحو 4

سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري ۾ آمريڪن ڪيميڪل سوسائٽي قائم، افتتاح

سنڌ يونيورسٽي جي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري ۾ هن سوسائٽي جو بنياد پوڻ اهم اڳڀرائي آهي: ڊاڪٽر فتح محمد مري

هن قسم جون سوسائٽيز قابليت وڌائڻ جو اهم ذريعو آهن، جن جي ميمبرشپ ترڄي تربيتي سرٽيفڪيٽن جي وڏي اهميت آهي

ڪيمسٽري جي ڊگري جي عالمي سطح تي وڏي اهميت آهي، هن شعبي ۾ نوبل پرائز پڻ ڏنو وڃي ٿو، شاگردن لاءِ يونيورسٽي جا هي چار سال انتهائي اهم آهن

ڄامشورو سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري ۾ آمريڪن ڪيميڪل سوسائٽي جو افتتاح ڪيو پيو وڃي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي جي ڊاڪٽر ايم اي قاضي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري ۾ انڊر گريجوئيٽ شاگردن لاءِ آمريڪن ڪيميڪل سوسائٽي (ACS) قائم ڪئي وئي آهي جنهن جو افتتاح سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) ڪيو. افتتاح جي موقعي تي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر عرفانہ بيگم...

اڳڀرائي آهي جنهن لاءِ انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر، استاد ۽ شاگرد مبارڪون لهڻن ٿا. هن چيو تہ اي سي ايس جي ميمبرشپ جا تعليمي، تحقيقي توڙي مستقبل جي منصوبابندي جي حوالي سان بيشمار فائدا آهن، انسٽيٽيوٽ جي انڊر گريجوئيٽ شاگردن کي هن موقعي مان وڌ مان وڌ فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي. وائيس چانسلر وڌيڪ چيو تہ هي مقابلي جو دور آهي، ڪيريئر ڪامپيٽيشن وڌي وئي آهي...

ڊاڪٽر عرفانہ بيگم ملاح پنهنجي خطاب ۾ آمريڪن ڪيميڪل سوسائٽي جي قيام لاءِ ورتل ڪوشش، ان جي مقصدن ۽ هن جي مختلف پروگرامن ۾ انڊر گريجوئيٽ شاگردن لاءِ موجود فائدن تي روشني وڌي ۽ چيو تہ هن سوسائٽي جي قيام لاءِ جيئوٽيڪ ڇهن مهينن جي لڳاتار محنت جي ضرورت پئي پر اڄ جڏهن هن جو افتتاح ٿيو آهي تہ اسين سڀ تمام گهڻي خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون. هن وائيس چانسلر جي رهنمائي، سهڪار ۽ همت افزائي جا ٿورا مڃيندي چيو تہ پوري ملڪ جي مختلف يونيورسٽين ۾ آمريڪن ڪيميڪل سوسائٽي (ACS) جا ڪل 14 چيپٽر قائم ٿيل آهن جن ۾ هاڻي سنڌ يونيورسٽي بہ شامل آهي. هن چيو تہ انڊر گريجوئيٽ شاگردن لاءِ هن سوسائٽي جي ميمبرشپ جا تمام گهڻا فائدا آهن اسين ڪوشش ڪنداسين تہ انسٽيٽيوٽ جي وڌ ۾ وڌ شاگردن کي هن سوسائٽي سان ڳنڍيون، ڪين اهي فائدا حاصل ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيون. جيڪو هن سوسائٽي جي قيام جو بنيادي مقصد پڻ آهي. ڊاڪٽر...

چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري چيو تہ آمريڪن ڪيميڪل سوسائٽي دنيا جي مشهور ۽ اهم سوسائٽيز مان هڪ آهي جيڪا گذريل 150 سالن کان پوري دنيا جي اعليٰ تعليمي ادارن اندر مختلف پروگرامن ذريعي شاگردن کي پنهنجو مستقبل سنوارڻ جا موقعا فراهم ڪري رهي آهي. سنڌ يونيورسٽي جي ڊاڪٽر ايم اي قاضي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري ۾ هن سوسائٽي جو بنياد پوڻ هڪ اهم...

ڊگري جي عالمي سطح تي وڏي اهميت آهي، هن شعبي ۾ نوبل پرائز پڻ ڏنو وڃي ٿو. شاگردن لاءِ يونيورسٽي جا هي چار سال انتهائي اهم آهن انسٽيٽيوٽ ۾ انتهائي قابل استاد، جديد ليبارٽري ۽ گهربل ڪيميڪل وغيره موجود آهن ڪين سخت محنت ڪري، اهليت جي بنياد تي پنهنجي ڪامياب مستقبل جون راهون روشن ڪرڻ گهرجن. ڊاڪٽر ايم اي قاضي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽري جي ڊائريڪٽر پروفيسر...

موقعن تعليمي ۽ تحقيقي فنڊن وغيره بابت وائيس چانسلر کي پوسٽر پريزنٽيشن پيش ڪئي. آمريڪن ڪيميڪل سوسائٽي جي افتتاح جي موقعي تي انسٽيٽيوٽ ۾ بوٽا پوکڻ جي تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري، انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر، ڊين استادن ۽ شاگردن مختلف قسمن جا بوٽا پوکيا.

ميهڙ جا بنيادي مسئلا حل ڪريو: ڇهين ڏينهن بہ شهري اتحاد جي سڏ تي احتجاجي ريلي

شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پيپلزپارٽيءَ جا نااهل نمائندا 17 سال گذرڻ باوجود شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم نہ ڪري سگهيا آهن: مظاهرين

5 کان 6 ڏينهن تائين بہ ڪالونين ۾ پاڻي نٿو ملي ۽ جيڪو پاڻي واري بندي سان اچي ٿو اهو بہ گندو ۽ ناقابل استعمال آهي

ميهڙ بنيادي مسئلا حل ڪرڻ لاءِ ڇهين ڏينهن بہ شهري اتحاد جي سڏ تي احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

ميهڙ (ن ع) پيپلزپارٽيءَ جي اقتداري دور ۾ بہ شهرين جا بنيادي مسئلا حل نہ ٿي سگهيا، ڇهين ڏينهن بہ شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي احتجاجي ريلي. شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو، قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ وڪيل منور جتوئي، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو، هاءِ ڪورٽ بار جي اڳواڻ وڪيل عابد حسين ڪلهوڙو، وڪيل مير ڪوسو، اشتياق تنيو، ڪرنائو مرچنٽ جي صدر...

خطاب ڪندي چيو تہ ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي ڪروڙين رپين جي ماهوار بجيٽ سياسي ماڻهن حوالي ڪئي وڃي ٿي، جڏهن تہ پيپلزپارٽيءَ جا نااهل نمائندا 17 سال گذرڻ باوجود شهرين کي پيئڻ جو صاف پاڻي فراهم نہ ڪري سگهيا آهن. هنن چيو تہ افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ سوا ارب رپين جي اسڪيم بہ ناڪارا ٿي وئي آهي دادو ڪئنال تي لڳل سولر سسٽم تباهہ آهي جڏهن تہ 5 کان 6...

ڪي خوش ڪري رهيو آهي هنن دعويٰ ڪئي تہ ساڍا ٽي ڪروڙ رپين جي ماهوار بجيٽ، مال پڙي، سبزي پڙي ۽ دڪاندارن کان ملندڙ مسواڙ سميت مجموعي طور لڳ ڀڳ 4 ڪروڙ رپين جي ماهوار آمدني بابت شهرين کي ڪا ڄاڻ ناهي تہ اها رقم ڪٿي خرچ ڪئي وڃي ٿي هنن وڌيڪ چيو تہ 3 کان 4 سٺو ملازم سياسي آشيرواد تحت سوئيپر طور ڀرتي ڪري وڏيرن کي خوش ڪيو پيو وڃي، جڏهن تہ 17 سالن کان...

واسين کي سنڌن حق ڏنا وڃن. جڏهن تہ سيڪريٽري بلديات ۽ صوبائي وزير پڻ مسئلن جو نوٽيس وٺن هنن چيو تہ شهري هاڻي سجاڳ ٿي چڪا آهن ۽ شهر جي بنيادي مسئلن جي حل لاءِ تحريڪ جي شروعات ڪئي وئي آهي جيستائين شهر جا بنيادي مسئلا حل نہ ڪيا ويا تہ احتجاج جو سلسلو روزاني بنياد تي جاري رکيو ويندو

لکي غلام شاهہ نوجوانن ۽ عورتن لاءِ ووٽرن جي تعليم تي هڪ اهم شهري مهم دوران شاگردياڻي ڳالهائيندي

لکي ۾ نوجوانن ۽ عورتن لاءِ ووٽرن جي تعليم تي هڪ اهم شهري مهم شروع

پروگرام جي شروعات ووٽر جي تعليم تي متاثر ڪندڙ شاگردياڻين جي تقريرن سان ٿي

اليڪشن آفيس جي نمائندي ڪامران علي ووٽ جي اهميت ۽ ان جي طريقيڪار تي روشني وڌي

لکي غلام شاهہ (ن ع) گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول هزاريدر شڪارپور ۾ سينئر هيڊ مسٽريس ميڊم روبينا سوهو هيڊ مسٽريس ميڊم فوزيہ لوهر جي نگراني ۾ نوجوانن ۽ عورتن لاءِ ووٽرن جي تعليم تي هڪ اهم شهري مهم شروع ڪئي جنهن کي ڊپٽي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عبدالشڪور سومرو، ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر...

پرويز احمد ڪلوڙ نوجوانن ۽ عورتن لاءِ ووٽر جي تعليم شهري ذميواري ۽ سماج ۾ باخبر شرڪت جي اهميت تي قيمتي ۽ معلوماتي رهنمائي فراهم ڪئي هڪ انٽرويو سوال ۽ جواب جو سيشن پڻ منعقد ڪيو ويو جنهن دوران اسڪولن جي شاگردياڻين سرگرم ٿي حصو ورتو ۽ مهمانن کان قيمتي ووٽن بابت سوال پڇيا...

شرڪت ۽ سماج ۾ نوجوانن ۽ عورتن جي ڪردار بابت آگاهي پيدا ڪرڻ هو پروگرام جي شروعات ووٽر جي تعليم تي متاثر ڪندڙ شاگردياڻين جي تقريرن سان ٿي، جنهن کان پوءِ اسان جي ليڊي ٽيچرس پاران قيمتي تعاون ۽ خيال شيئر ڪيا ويا. جنهن جو مهمان خاص ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر شڪارپور...

قيمتي شرڪت ۽ تعاون ڪيو ان موقعي تي اليڪشن آفيس جي نمائندي ڪامران علي پڻ ووٽ جي اهميت ۽ ان جي طريقيڪار تي روشني وجهندي پنهنجا خيال پيش ڪيا. هن چيو تہ ڳڌجي پنهنجي نوجوانن ۽ عورتن ۾ شهري شعور، ذميوار شهريت ۽ باخبر شرڪت کي فروغ ڏيون

سڪرنڊ شهري اتحاد، ايس ٽي پي ۽ ايس يو پي جو وفد ٽاٽي تي پهتو

وفد پاران مظلوم پورهيت خاندان سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪيو ويو

انصاف جي حاصلات تائين هر قانوني ۽ اخلاقي جدوجهد ۾ ساٿ ڏئي بيهنداسين: اڳواڻ

سڪرنڊ (ن ع) شهري اتحاد، ايس ٽي پي (سنڌ ترقي پسند پارٽي) ۽ ايس يو پي (سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي) جو هڪ گڏيل وفد سڪرنڊ ٽاٽي تي پهتو جتي هنن متاثر نياڻيءَ جي والدين سان ملاقات ڪئي وفد پاران مظلوم پورهيت خاندان سان مڪمل يڪجهتي جو اظهار ڪندي يقين ڏياريو ويو تہ انصاف جي حاصلات تائين هر قانوني ۽ اخلاقي جدوجهد ۾ ساٿ ڏئي بيهنداسين سڪرنڊ پوليس پاران ڪارروائي ڪندي مک جوابدار منصور سري جي پيءَ منظور سري کي...

گرفتار ڪيو ويو آهي پوليس انتظاميہ پاران وفد ۽ وارثن کي يقين ڏياريو ويو آهي تہ مک جوابدار منصور سري کي اڄ شام تائين هر صورت ۾ گرفتار ڪيو ويندو. پوليس پاران ڏنل مهلت اندر مک جوابدار کي گرفتار ڪري قانون موجب سخت ترين سزا ڏني وڃي اهڙي سنگين ڏوهہ ۾ ڪنهن بہ بااثر يا غير ذميدار فرد پاران جوابدار جي پٺڀرائي يا معاملو لٽي مٽي ڪرڻ جي ڪوشش کي سختيءَ سان رد ڪيو ويندو

سڪرنڊ شهري اتحاد، ايس ٽي پي ۽ ايس يو پي جو هڪ گڏيل وفد نياڻي جي والد سان ملاقات ڪندي

ماتلي ۾ بجلي جي 18 کان 20 ڪلاڪ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف شهري روڊن تي نڪري آيا

واپاري ۽ شهري سراپا احتجاج بڻجي آخرڪار رستن تي نڪري آيا، محمدي چوڪ کان ريلي، مظاهرو، ڌرڻو

جڏهن کان ماتلي واپڊا آفيس ۾ نئون ايس ڊي او بدلي ٿي آيو آهي ان ڏينهن کان بجلي گم ٿي وئي آهي: مظاهرين

لڳ ساڙيندڙ گرمي ۾ بجلي بند ٿيڻ سبب اسڪولي ٻارڙا آرام نٿا ڪري سگهن، مسجدن توڙي گهرن ۾ پاڻي جي کوٽ پيدا ٿي وئي آهي

ماتلي بجلي جي 18 کان 20 ڪلاڪ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف شهرين پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ماتلي (ن ع) ماتلي ۾ بجلي جي 18 کان 20 ڪلاڪ اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ خلاف ماتلي جا واپاري ۽ شهري سراپا احتجاج بڻجي آخرڪار رستن تي نڪري آيا، واپارين ۽ شهرين جي اها ريلي محمدي چوڪ کان نڪتي جتي احتجاجي مظاهرو ڪرڻ کان پوءِ ڌرڻو هڻي حيسڪو جي مقامي اختيارين توڙي ايس ڊي او خلاف احتجاج ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي ان موقعي تي شهرين عدنان قائمخاني، مجاهد راجپوت، قاضي عبدالوهاب عباسي، سليم يوسف ايڊيجو زاهد چيڙ ايڊووڪيٽ، ڪاشف طاهري ۽ ٻين چيو تہ جڏهن کان ماتلي واپڊا آفيس ۾ نئون ايس ڊي او بدلي ٿي آيو آهي ان ڏينهن کان ئي بجلي جي اڻ اعلانيل ڏگهي لوڊشيڊنگ ڪري شهرين جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي 18 کان 20 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ سبب ڪاروباري طبقو پنهنجو واپار نہ پيو ڪري سگهي، هن لڳ ساڙيندڙ گرمي ۾ بجلي بند ٿيڻ سبب اسڪولي ٻارڙا آرام نٿا ڪري سگهن، مسجدن توڙي گهرن ۾ پاڻي جي کوٽ پيدا...

ٿي وئي آهي بجلي تي هلندڙ سمورو نظام درهم برهم ٿي چڪو آهي تنهنڪري شهري مجبور ٿي احتجاج ڪرڻ تي مجبور آهن. مظاهرين واپڊا جي ايس ڊي او کي فوري طور تي بدلي ڪري شهر سان بجلي...

جي اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چتاءُ ڏنو تہ جيڪڏهن اڻ اعلانيل لوڊشيڊنگ ختم نہ ڪئي وئي تہ شهر ۾ شٽر بند هڙتال جو سڏ ڏنو ويندو

حيدرآباد جي 6 نمبر ليبر ڪورٽ ۾ جج مقرر نہ ٿي سگهيو

10 مهينن جو عرصو گذري وڃڻ باوجود نئين معزز جج جي مقرري نہ ٿي سگهي

ليبر ڪورٽ ۾ هن وقت تائين 400 ڪيس التوا جو شڪار آهن: محبوب علي قريشي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آل پاڪستان فيڊريشن آف ٽريڊ يونينز جي اڳواڻ محبوب علي قريشي ڪاله حيدرآباد پريس ڪلب ۾ محمد اقبال، مختيار ملاح، محمد نعيم سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي تہ حيدرآباد جي 6 نمبر ليبر ڪورٽ ۾ جلد معزز جج مقرر ڪري مزدورن جا التوا جو شڪار ڪيس اڪلايا وڃن هن چيو تہ حيدرآباد جي 6 نمبر ليبر ڪورٽ جو معزز جج 10 آڪٽوبر 2025 تي پنهنجي سروس جو مدو پورو ڪري رٽائر ٿي ويو...

آهن جنهن ۾ 50 کان وڌيڪ مرحوم پيوهرن جي گريجوئٽي پينشن جا ڪيس آهن جيڪي پنهنجي معزز جج جي مقرري نہ ٿيڻ سبب سخت مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن هن چيوتہ ان سلسلي ۾ لاڳاپيل اختيارين کي لکيو ويو ۽ پرزائيڊنگ آفيسر جج مقرر جي درخواست ڪئي پر ان جو ڪنهن بہ نوٽيس نہ ورتو آهي هن چيوتہ قانون موجب عدالت جا ڪيس 9 مهينن اندر اڪلائڻا آهن پر جج جي پوسٽ 10 مهينن کان خالي پيل هجڻ...

حيدرآباد آل پاڪستان فيڊريشن آف ٽريڊ يونينز جو مرڪزي نائب صدر محبوب علي پريس ڪانفرنس ڪندي

سڪرنڊ جي تعليمي ادارن جي شاگردن جي حوصلہ افزائي لاءِ ٽائون چيئرمين جي سرپرستيءَ ۾ آرگنائيزنگ ڪاميٽي قائم

سڪرنڊ (ن ع) سڪرنڊ جي تعليم کي بهتر ڪرڻ ۽ تعليمي ادارن جي شاگردن جي حوصلہ افزائي لاءِ ٽائون ڪاميٽي سڪرنڊ جي چيئرمين سيد عذير اختر شاهہ جي سرپرستيءَ ۾ آرگنائيزنگ ڪاميٽي جوڙي وئي جنهن ۾ سماج سڌارڪ، تعليمي ماهر ۽ صحافين کي شامل ڪيو ويو تعليمي ڪاميٽي جي ٻين گڏجاڻي سيد عذير اختر شاهہ جي صدارت هيٺ ٽائون ڪاميٽي ۾ ٿي گذري گڏجاڻي جو...

وصول ڪندا جيڪي پروگرام ۾ حصو وٺندا ان موقعي تي سيد عذير اختر شاهہ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ چيو تہ تعليمي ڪاميٽي جو مقصد تعليم کي بهتر کان بهتر ڪرڻ بابت آهي جڏهن تہ اڄوڪو پروگرام نعت شريف جي حوالي سان رکيو ويو آهي جنهن ڪانهي مختلف پروگرام پڻ ترتيب ڏنا ويندا گڏجاڻي ۾ غلام حيدر سولنگي، محمد ارشد آرائين، محمد الياس خانزاده، قاضي جاويد سنائي، رضوان احمد، ڪنور ظفر، جاويد لطيف قريشي، عبدالحميد آرائين، پرويز احمد خاصخيلي، جاويد علي سومرو، مقصود سومرو، حيدر خانزاده، اظهر خلجي، عبدالرب راجپوت، سيد قربان علي شاهہ، شاهذيب آرائين ۽ جنيد احمد انڙ شريڪ هئا جن پنهنجي قيمتي راين کان آگاهہ ڪيو گڏجاڻي ۾ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو تہ مختلف ادارن سان رابطو ڪرڻ جي لاءِ جاويد لطيف قريشي جي اڳواڻي ۾ آرگنائيزنگ ڪاميٽي جوڙي وئي جنهن ۾ محمد الياس خانزاده، عبدالرب راجپوت، سيد قربان شاهہ کي مقرر ڪيو ويو جن جي تفصيلي رپورٽ اچڻ بعد پروگرام جي جڳهہ ۽ تاريخ مقرر ڪئي ويندي

آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ اسڪرپٽ ورهائڻ جي تقريب

تقريب ۾ علائقائي ٻولين ۽ ثقافتن جي واڌاري لاءِ چار ڊرامن جا اسڪرپٽ ورهايا ويا

سيد محمد احمد شاهہ جو علائقائي ٻولين جي ادب، فن ۽ ٿيٽر جي فروغ جي اهميت تي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۾ اسڪرپٽ ورهائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ علائقائي ٻولين ۽ ثقافتن جي واڌاري لاءِ چار ڊرامن جا اسڪرپٽ ورهايا ويا، فيسٽيول ۾ سنڌي، بلوچي، سرائڪي، ڪڇي ميمڻي ۽ گجراتي ٻولين جا ڊراما شامل آهن تقريب کي خطاب ڪندي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي صدر سيد محمد احمد شاهہ علائقائي ٻولين جي ادب، فن ۽ ٿيٽر جي فروغ جي اهميت تي ڳالهائيندي چيو تہ ريجنل ڊراما فيسٽيول جو مقصد ملڪ جي مختلف ٻولين، ثقافتن ۽ فنڪارائين روايتن کي هڪ گڏيل پليٽ...

رفيق لاسي ڪندا انهن ڊرامن ذريعي مختلف علائقائي ٻولين ۽ ثقافتن کي اسٽيج تي پيش ڪيو ويندو جڏهن تہ ملڪ جي مختلف علائقن سان تعلق رکندڙ فنڪار پڻ پنهنجي تخليقي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندا. تقريب جي پڄاڻيءَ تي ريجنل ڊراما فيسٽيول جي ڪاميابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو ان موقعي تي ڊرامن جي هدايتڪارن رضوان صابر ۽ آدم راٺوڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ هو آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي صدر سيد محمد احمد شاهہ جا ٿورائتا آهن جن جي سرپرستيءَ ۾ ريجنل ڊراما فيسٽيول منعقد ڪيو پيو وڃي هنن...

ڪراچي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جو صدر سيد محمد احمد شاهہ ڊراما فيسٽيول ۾ خطاب ڪندي

سوڀوديرو تعلقي جي رٽائرڊ ملازمن سان حڪومت جو ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ، پريشاني جو شڪار

رٽائر ملازمن سان بائيوميٽرڪ تصديق جي نالي تي مبينا طور سخت پريشاني ۽ خوار ٿيڻ جو سلسلو جاري

ڏکڻ آڱرين جا نشان واضح نہ هجڻ ۽ عمر سبب فنگر پرنٽ اسڪين نہ ٿيڻ ڪري ڪين بار بار بئنڪن جا چڪر ڪاٽڻا پئون ٿا: پينشنر

بائيوميٽرڪ نہ لڳڻ جي صورت ۾ بئنڪ عملي پاران ڪين ٻين هنڌن يا مختلف نادرا سينٽرن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو، سخت اذيت کي منهن ڏيڻو ٿو

سوڀوديرو (ن ع) سوڀوديرو تعلقي جي رٽائرڊ ملازمن سان حڪومت جو ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ، بزرگ پينشنرن جي بائيو ميٽرڪ نظام سبب پريشان رپورٽ مطابق: تعلقي سوڀوديرو جي رٽائرڊ ملازمن خاص طور تي 70 کان 80 سالن جي عمر وارن بزرگن سان بائيوميٽرڪ تصديق جي نالي تي مبينا طور سخت پريشاني ۽ خوار ٿيڻ جو سلسلو جاري آهي عمر رسيده پينشنرن جو چوڻ آهي تہ هٿ ڏکڻ آڱرين جا نشان واضح نہ...

هجڻ ۽ عمر سبب فنگر پرنٽ اسڪين نہ ٿيڻ ڪري ڪين بار بار بئنڪن جا چڪر ڪاٽڻا پئون ٿا ان حوالي سان هنن جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ بائيوميٽرڪ نہ لڳڻ جي صورت ۾ بئنڪ عملي پاران ڪين ٻين هنڌن يا مختلف نادرا سينٽرن ڏانهن موڪليو وڃي ٿو جنهن سبب هو سخت تڪليف ۽ ذهني اذيت کي منهن ڏين ٿا هنن حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ 70 کان 80 سالن جي...

عمر وارن رٽائرڊ ملازمن لاءِ بائيوميٽرڪ تصديق جو آسان متبادل نظام متعارف ڪرايو وڃي، جيئن هو عزت سان پنهنجي پينشن حاصل ڪري سگهن بزرگ پينشنرن مطالبو ڪيو تہ حڪومت سنڌ عمر ۽ جسماني حالتن کي نظر ۾ رکندي عملي قدم کڻي ۽ کين بار بار بئنڪن جا چڪر ڪاٽڻ کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي

پ پ ايم اين اي پاران تعلقہ قبو سعيد خان تعلقي جو دورو، ترقياتي ڪمن جو افتتاح

خورشيد احمد جوڻيجو عوامي فلاحي ترقياتي منصوبن ۽ مختلف ڳوٺن ۾ پيور بلاڪ اسڪيمن جو افتتاح

پ پ جي ذميوار اڳواڻن توڙي منصوبن تي ڪم ڪندڙ آفيسرن سان گڏجاڻي، ترقياتي منصوبن جي تعمير متعلق ڳالهہ ٻولهہ

عوام جي سهولت ۽ مشڪلاتن جي گهٽتائي لاءِ پنهنجي صوابديدي فنڊز مان ترقياتي منصوبا شروع ڪرايا آهن: خورشيد احمد جوڻيجو

شهدادڪوٽ ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو قبو سعيد خان ۾ ڪيل عوامي سرگرمين جو ڪيڪ

عبدالستار چانڊيو ڊاڪٽر دين محمد برڙو، علي نواز جاگيراڻي ارباب علي جاگيراڻي، امداد ڪوسو علي رضا ڪوسو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا ان موقعي تي ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو پ پ جي ذميوار اڳواڻن توڙي منصوبن تي ڪم ڪندڙ آفيسرن سان گڏجاڻي ڪئي ترقياتي منصوبن جي تعمير متعلق ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ ترقياتي منصوبن جي تعمير جي رفتار تيز تي اتفاق ڪيو ويو ان موقعي تي ڳالهائيندي ايم اين اي خورشيد احمد...

شهدادڪوٽ (ن ع) پ پ جي اڳواڻ ۽ قبو سعيد خان مان چونڊيل ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو تعلقہ قبو سعيد خان جو دورو ڪيو دوري دوران ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو پنهنجي ٽڪ قبو سعيد خان جو دورو ڪري اتي سندن صوابديد فنڊز سان هلندڙ عوامي فلاحي ترقياتي منصوبن ۽ مختلف ڳوٺن، ڳوٺ عيد محمد جاگيراڻي ڳوٺ صوفي محمد بخش ڪوسو ڳوٺ علي مراد مگسي سميت...

ٻين ڳوٺن ۾ مڪمل پيور بلاڪ جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي ايم اين اي پ پ پ جي اڳواڻن تعلقہ صدر پ پ پ مير جان محمد ڪوسو اعجاز خان بروهي طارق جوڻيجو، قبو سعيد خان ٽائون جي چيئرمين مير امتياز احمد بروهي عاشق حسين مگسي گل حسن مگسي سجاد احمد بروهي شبير احمد مگسي بلاول اصغر شيخ ڪامريڊ عرس مگسي مير حسن مگسي ڊاڪٽر ديدار علي مگسي...

مشڪلاتن جي گهٽتائي لاءِ پنهنجي صوابديدي فنڊز مان ترقياتي منصوبا شروع ڪرايا آهن جنهن جو اڄ ڪجهہ ڳوٺن ۾ افتتاح ڪيو آهي ۽ ٻين تي ڪم هلندڙ آهن جيڪي وقت تي مڪمل ٿيڻ گهرجن جيئن عوام ان سان لاڀ حاصل ڪن هن ڊورانهن دوري دوران ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو جو شاندار استقبال ڪيو ويو

قاسم آباد جي قادر نگر مان 6 ڏينهن اڳ ڪنپيل پورهيت جو پتو نہ پيو

حاجي سولنگي سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ ۾ پورهيت آهي، ڪو ڌرڻي ناهي: وارث

سادن ڪپڙن ۾ ملبوس اهلڪارن کيس ڪنپيو آهي، ڪو ڪيس آهي تہ کيس ظاهر ڪيو وڃي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي قاسم آباد جي قادر نگر مان 6 ڏينهن اڳ ڪنپيل پورهيت حاجي سولنگي جو ڪجهہ پتو نہ پيو آهي ... کيل سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ ۾ ڪم ڪندڙ پورهيت جو پتو نہ پيو وارث پريشان ان سلسلي ۾ مبينا طور پوليس پاران کنپيل گم ڪيل پورهيت حاجي سولنگي جي ماروٽ رمضان سولنگي ڪاله حيدرآباد پريس ڪلب ۾ آهر پورهيت جي اهڙ مڪل خاندان سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ 12 سيپٽمبر 2026 تي رات ڌاري خانگي ڪيڙ ڀهريل پوليس اهلڪارن گهر پاڙي ۾ رهندڙ بلدي برادري جي گهر کان ڇوهاڻي ڪري حاجي سولنگي کي ... براداري جي 2 ڄڻن کي گرفتار ڪري گهر ڇڏيو آهي هن چيو تہ حاجي سولنگي...

بلدي برادري وٽ چارج تي رکيل موبائل فون کڻي ويو تہ ڪجهہ دير ۾ سادا ڪپڙا پهريل گاڏي ۾ سوار پوليس اهلڪار آيا ۽ حاجي سوڌو 3 ڄڻن کي کنپي کڻي ويا هن چيو تہ حاجي سولنگي سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ ۾ پورهيت آهي جڏهن تہ هو بيگناهہ آهي ڪنهن بہ غير قانوني سرگرمين ۾ ملوث ناهي پوليس کيس ناحق کٽي گم ڪيو آهي هن چيو تہ بلدي برادري جا ساٿهو ڪٻاڙي جو ڪم ڪندا آن کان وڌيڪ اسان کي ڪا بہ خبر نہ آهي هن چيو تہ حاجي سولنگي جي گهر ۾ 3 ڏينهن کان وڃ اڻڙ مٿل آهي هن آئي جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي کان اپيل ڪئي تہ ماسري جو نوٽيس وٺي حاجي سولنگي کي ظاهر ڪري آزاد ڪيو وڃي

حيدرآباد قاسم آباد واسي رمضان علي پريس ڪانفرنس ڪندي

ٺٽون دمبالو ويجهو 60 سالا پيرسن اختر علي ولد اڪبر سمرا خودڪشي ڪري ڇڏي

ٺٽون دمبالو (ن ع) ٺٽون دمبالو ويجهو ڳوٺ چوڙي علي اڪبر سمرا ۾ 60 سالا پيرسن اختر علي ولد اڪبر سمرا گهر جي ٻاهران بيٺل وڻ ۾ رسو ٻڌي پنهنجي زندگيءَ جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي دمبالو پوليس موقعي تي پهچي لاش کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪيو جتي ضروري ڪارروائي ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ٻئي طرف پوليس جو چوڻ آهي تہ پيرسن جو دماغي توازن درست نہ هو جنهن سبب هن اهڙو قدم کنيو آهي ۽ پوليس پاران تہ اسان پاڻ سرادو جاچ ڪريون پيا

ڏوڪري مان سال اڳ گم ٿيل نينگر هٿ نہ آيو

سفير علي عرف سونو ميمڻ کي سال گذرڻ باوجود پوليس هٿ نہ ڪري سگهي

گولا ڪرڻ باوجود ڪو ڏس پتو نہ پئجي سگهيو، وارث سخت پريشان، مدد جي گهر

ڏوڪري (ن ع) ڏوڪري شهر جي پڌائي محلا واسي گم ٿيل نينگر سفير علي عرف سونو ميمڻ کي هڪ سال گذرڻ...

ٿيل نوجوان جو والد محمد سومر ميمڻ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو تہ منهنجو پٽ کي هڪ سال گم ٿيڻ کي ٿي ويو آهي پر ڪو ڏس پتو نہ ملي سگهيو پوليس بہ مدد نٿي ڪري هن ٻڌايو تہ پوليس جا روزانا پنڌ ڪري ڪري ٿڪجي پيا آهيون پر پوليس گولا ۾ مدد نٿي ڪري هن چيو تہ سپني گهر جا پاڻي ... پئجي رهيا آهن ... گهڻا پريشان ٿي ويا آهيون ...

باوجود ڏوڪري پوليس هٿ نہ ڪري سگهي آهي وارثن پاران گهڻي گولا ڪرڻ باوجود ڪو ڏس پتو نہ پئجي سگهيو جنهن ڪري وارث تمام سخت پريشان آهن هوڏانهن...

فتح پور ٽاٽي جي حد ۾ بدامني چوٽ چڙهيل

ماستر کان گاجيديرو لاڙي وٽان 3 نامعلوم هٿياربند پاران ڦر

موٽرسائيڪل، موبائيل فون، روڪ رقم، اي ٽي ايم ڪارڊ ڦر، ماستر جو احتجاج

ڏوڪري (ن ع) فتح پور ٽاٽي جي حد ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي آهي ان سلسلي ۾ پيهڙ اسڪول جي ماستر پير بخش پيرزادو کان گاجيديرو لاڙي وٽان 3 نامعلوم هٿياربند ڦورو ٻرقعا بڻائي هٿيارن جي زور تي سي ڊي موٽرسائيڪل روڪ رقم موبائيل فون اي ٽي ايم ڪارڊ سميت ٻيو سامان ڦر ڪري هٿياربند فرار ٿي ويا، اهڙو واردات ڪانپوءِ متاثر ماستر احتجاج ڪندي چيو...

آهي تہ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب آهي جو اسڪول ويندڙ استاد بہ محفوظ نہ آهي جو ڏينهن ڏٺي جو نامعلوم ڦورو مونکان ڏر ڪري بي خوف ٿي واردات ڪري هليا ويا پر پوليس ڪجهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي هن لاڙڪاڻو ايس ايس پي کان مطالبو ڪيو تہ مونکان ڦر ڪيل سمورو سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي.

نصيرآباد ۾ پيٽرول پمپ مالڪان جي هڪ هٽي، هزرادو اڳهہ مقرر

نصيرآباد (ن ع) حڪومت پاڪستان پاران پيٽرول جي سرڪاري قيمت 391 رپيا 22 پئسا في ليٽر مقرر ٿيل آهي جڏهن تہ ڦنڊ لاڙي وٽ واقع پيٽرول پمپ تي سريعام من ماني ڪندي پيٽرول 394 رپيا 66 پئسا في ليٽر جي حساب سان وڪرو ڪيو پيو وڃي حد تہ اها آهي جو اڌ ليٽر پيٽرول جا 200 رپيا وصول ڪيا پيا وڃن جيڪو مقرر قيمت کان 3 رپيا اڌ ليٽر تي وڌيڪ آهي جڏهن تہ ليٽر تي 6 رپيا وڌيڪ ورتا پيا وڃن ذريعن وٽان معلوم ٿيو آهي تہ پمپ مالڪ پاران پمپ تي مبينا طور غير قانوني ايراني پيٽرول بہ وڪرو ڪيو پيو وڃي، جنهن سان گاڏين جون انجڻون خراب ٿيڻ جو خدشو آهي ڊيرا نصيرآباد روڊ تان گذرندڙ موٽرسائيڪل سوارن ۽ ٻين شهري پمپ مالڪ جي ان بدمعاشي ۽ روز بروز ڏينهن ۾ لٽ مار خلاف سخت احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي متاثرين ۽ مقامي شهرين حڪومت پاڪستان، ڪمشنر لاڙڪاڻو ۽ ڊي سي قمبر شهدادڪوٽ کان زوردار مطالبو ڪيو آهي تہ يڪدم نوٽيس وٺي قانون جي خلاف ورزي ڪندڙ پيٽرول پمپ کي سيل ڪيو وڃي پمپ مالڪ خلاف فوري طور شفاف انڪوائري ڪري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي عوام کي سرڪاري ريٽ تي معياري پيٽرول جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي

منگهوپير ٽائون جي چيئرمين پاران مختلف علائقن جو دورو

مک شاهراهہ کي موٽر ايبل بڻائڻ لاءِ جاري ڪم جو معائنو ڪيو

ڪم ۾ معيار ۽ پائيداري کي هر صورت ۾ اوليت ڏني وڃي: حاجي نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير ٽائون جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي جي نگرانيءَ هيٺ منگهوپير ٽائون ۾ شهرين کي بهتر بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ اهم شاهراهن جي بهتري لاءِ ترقياتي سرگرميون جاري آهن ان سلسلي ۾ ٽئين ناظم آباد کان منگهوپير ٽاڪي ٽائين مک شاهراهہ کي موٽر ايبل بڻائڻ لاءِ جاري ڪم جو ٽائون چيئرمين حاجي نواز علي بروهي پاڻ جاءِ تي پهچي معائنو ڪيو ۽ ڪم جي اڳڀرائي، رفتار ۽ معيار جو تفصيلي جائزو ورتو حاجي نواز علي بروهي جاري ترقياتي ڪم جي مختلف مرحلن جو جائزو ورتو ۽ لاڳاپيل ذميوارن کان ڪم جي اڳڀرائي ۽ موجوده صورتحال بابت تفصيل معلوم ڪيا هن زور ڀريو تہ روڊ جي موٽر ايبل بڻائڻ واري ڪم ۾ معيار ۽ پائيداري کي هر صورت ۾ اوليت ڏني وڃي ۽ تعميراتي عمل دوران ڪنهن بہ قسم جي غفلت يا ڪوتاهي برداشت نہ ڪئي ويندي تہ جيئن شهرين کي بهتر ۽ ڊگهي مدي واري سفري سهولت فراهم ٿي سگهي معائني دوران چيئرمين...

حاجي نواز علي بروهي اتي موجود شهرين سان پڻ سڌي ريت ملاقاتون ڪيون هن شهرين کان علائقي ۾ آمدرفت جي صورتحال پيش ايندڙ مشڪلاتن ۽ ٻين بنيادي مسئلن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ان موقعي تي هن شهرين کان جاري ترقياتي ڪم بابت سندن راءِ پڻ معلوم ڪئي ۽ پڇيو تہ روڊ جي ڪم جي رفتار ۽ معيار بابت سندن راءِ کهڙي آهي. جڏهن تہ ڪم دوران ڪنهن بہ قسم جي تڪليف يا شڪايت جي صورت ۾ آگاهہ ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي حاجي نواز علي بروهي شهرين پاران پيش ڪيل مسئلن، شڪايتن ۽ تجويزن کي ڌيان سان ٻڌو ۽ لاڳاپيل ذميوارن کي ضروري هدايتون جاري ڪيون هن چيو تہ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ضروري آهي تہ شهرين سان سڌو رابطو برقرار رکيو وڃي ۽ ترقياتي منصوبن بابت سندن راءِ کي پڻ اهميت ڏني وڃي. چاڪاڻ تہ ڪنهن بہ ترقياتي ڪم جو بنيادي مقصد عوام کي عملي ۽ ڊگهي مدي واري سهولت فراهم ڪرڻ آهي

ڪراچي ڪي ايم سي منگهوپير چيئرمين حاجي نواز علي بروهي روڊ تعمير جي ڪم جو معائنو ڪندي

بوزدار وڍا پرسان ڳوٺ محمد عيسيٰ ڌهر ۾ چوري جي واردات

حاجي مراد حسين ڌهر جي گهر مان روڪ رقم ۽ 4 تولا سونا زيور ۽ ٻيو سامان چوري

پنج کان وڌيڪ هٿياربندن رات جو برغمال بڻائي ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويا: گهر ڀاتي

بوزدار وڍا (ن ع) بوزدار وڍا پرسان ڳوٺ محمد عيسيٰ ڌهر ۾ رات دير سان 5 کان وڌيڪ هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ڪاروباري شخصيت حاجي مراد حسين ڌهر جي گهر ۾ داخل ٿي گهر ڀاتين کي هٿيارن جي زور تي برغمال بڻائي ڪمري ۾ گهڙي روڪ رقم ۽ 4 تولا سونا زيور ۽ ٻيو سامان ڦرلٽ ڪري آساني سان فرار ٿي ويا جڏهن تہ...

رات جو گهر ۾ ننڊ ۾ ستا پيا هئا سين تہ پنج کان وڌيڪ هٿياربندن اسان جي گهر جي ديوار ٽپي هٿيارن جي زور تي برغمال بڻائي 5 تولا سون روڪ رقم ۽ ٻيو گهريلو سامان ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويا ۽ اڳ بہ اسان جون 3 ڀيرا چوريون ٿيون آهن اسان شريف ڀوڳيل ڪاروباري ۽ نوڪرين وارا آهيون اسان سان وڏي زيادتي ڪئي وئي آهي...

پريميئر ٽيڪسٽائل جي منافعي ۾ سال 26_2025ع دوران ساليانو بنيادن تي 1438.59 سيڪڙو جو اضافو

اسلام آباد (اي پي پي) پريميئر ٽيڪسٽائل ملز جي ساليانو منافعي ۾ سال 26_2025ع دوران ساليانو بنياد تي 1438.59 سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي ڪمپني جي ساليانو نتيجي مطابق 30 جون 2026ع تي ختم ٿيل سال دوران پريميئر ٽيڪسٽائل ملز جو منافعو 857 ملين رپين تائين وڌي ويو جڏهن تہ 30 جون 2025ع تي ختم ٿيل سال دوران...

ايم ڪيو ايم جي ايم پي اي پاران سمس اسپتال شهدادپور جو دورو

ناصر قريشي عوامي شڪايتن تي اسپتال ۾ فراهم ڪيل طبي سهولتن جو جائزو ورتو

سمس اسپتال شهدادپور جو ماحول مجموعي طور بهتر نظر اچي رهيو آهي: ناصر قريشي

شهدادپور (ن ع) ايم ڪيو ايم حيدرآباد جي اڳواڻ ۽ ايم پي اي ناصر قريشي عوامي شڪايتن تي اسپتال ۾ فراهم ڪيل طبي سهولتن جي صورتحال جو جائزو وٺڻ لاءِ سمس اسپتال شهدادپور جو اوچتو دورو ڪيو ان موقعي تي مقامي ايم ڪيو ايم اڳواڻ ۽ ٻيا ساٿي پڻ ساڻس گڏ هئا دوران ايم پي اي ناصر قريشي اسپتال جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو ۽ مريضن...

سهولتن مختلف شعبن جي ڪارڪردگي ۽ مجموعي صورتحال بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي ان موقعي تي ناصر قريشي چيو تہ سمس اسپتال شهدادپور جو ماحول مجموعي طور بهتر نظر اچي رهيو آهي هن اسپتال انتظاميا تي زور ڏنو تہ عوام کي بهتر کان بهتر علاج جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن ۽ مريضن کي ڪنهن بہ قسم جي تڪليف...

نمير انڊسٽريل ڪيميڪلز لميٽيڊ جي ساليانو منافعي ۾ 18.31 سيڪڙو جو اضافو رڪارڊ

اسلام آباد (اي پي پي) نمير انڊسٽريل ڪيميڪلز لميٽيڊ جي ساليانو منافعي ۾ 18.31 سيڪڙو جو اضافو ٿيو آهي ڪمپني جي ساليانو نتيجي مطابق 30 جون 2026ع تي ختم ٿيل سال دوران نمير انڊسٽريل ڪيميڪلز لميٽيڊ جو منافعو وڌي 2.39 ارب رپيا رهيو جيڪو 30 جون 2025ع تي ختم ٿيل سال دوران...

ميهڙ ۾ تعليم ڪاٽي دادو جي انتظاميا جي مبينا ناانصافي خلاف احتجاج

عبدالقادر آگرو پنهنجي معصوم ٻچن سميت قرآن پاڪ کڻي احتجاج ڪيو

پڳهار جي حصول لاءِ گذريل 16 سالن کان آفيسن جا چڪر ڪاٽي رهيو آهيان: عبدالقادر آگرو

ميهڙ (ن ع) تعليم ڪاٽي دادو جي انتظاميا جي مبينا ناانصافي خلاف ڳوٺ فضل آگرو جي اسڪول ۾ گذريل 16 سالن کان پٽيوالي جون ڊيوٽيون سرانجام ڏيندڙ عبدالقادر آگرو...

ڊيوٽيون نڀائيندڙ پيو اچي پر افسوس جو اڄ ڏينهن تائين کيس هڪ رپيو بہ پڳهار ادا ناهي ڪئي وئي هن چيو تہ پڳهار جي حصول لاءِ گذريل 16 سالن کان تعليم ڪاٽي جي آفيسن جا چڪر ڪاٽي رهيو آهيان...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan

متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال

ABC CERTIFIED

روزاني عبرت

ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي

روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي

Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 18 سيپٽمبر 2026ع

ڪفايت شعاري مهم، رڳو عوام تي بار نه هئڻ گهرجي

ملڪ جي موجوده معاشي حالتن، وڌندڙ ٻارڻ جي خرچن ۽ توانائيءَ جي کوٽ کي نظر ۾ رکندي وفاقي حڪومت خرچن ۾ بچت ۽ ٻارڻ جي بچت لاءِ ڪيترائي قدم کنيا آهن وفاقي حڪومت پاران جاري ڪيل هڪ نوٽيفڪيشن مطابق دڪان، مارڪيٽون ۽ واپاري مرڪز رات 9 وڳي، شادي هال ۽ شاديءَ جون تقريبون رات 10 وڳي، جڏهن ته هوٽل، کاڌي پيتي جا مرڪز ۽ ٻيون اهڙيون جايون رات 11 وڳي بند ڪيون وينديون. شاديءَ جي تقريبن ۾ هڪ ئي قسم جو کاڌو رکڻ سان گڏ سرڪاري گاڏين لاءِ ٽن مهينن تائين ٻارڻ جي فراهميءَ ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي، سرڪاري سطح تي نين گاڏين جي خريداريءَ تي پابندي ۽ ٽن مهينن تائين سرڪاري پرڏيهي سفر روڪڻ جا فيصلا پڻ ڪيا ويا آهن.

ڪفايت شعاريءَ جي نالي ۾ عام ماڻهو ۽ ننڍا واپاري وڌيڪ متاثر نه ٿيڻ گهرجن. بازارون رات 9 وڳي بند ڪرڻ سان دڪاندارن، پورهيتن، ننڍن واپارين ۽ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ ماڻهن جي آمدني متاثر ٿيڻ جو امڪان آهي. ڪيترن ئي شهرن ۾ ماڻهو ڏينهن جي ڪم ڪار کان پوءِ شام ۽ رات جو خريداريءَ لاءِ بازارن جو رُخ ڪن ٿا، جڏهن ته ڪيترن ئي دڪاندارن لاءِ به شام جو وقت ڪاروبار جو اهم حصو هوندو آهي. تنهنڪري حڪومت کي انهن فيصلن سان ٿيندڙ نقصان جو به جائزو وٺڻ گهرجي. شاديءَ ۾ هڪ ئي قسم جو کاڌو رکڻ جو فيصلو اجائي خرچ کي گهٽائڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته شاديءَ جون تقريبون عام خاندانن لاءِ اڳ ئي مهانگيون ٿي چڪيون آهن. جيڪڏهن انهيءَ قدم سان ماڻهن جا غير ضروري خرچ گهٽ ٿين ٿا ته اهو عام ماڻهن لاءِ فائديمند قدم ثابت ٿي سگهي ٿو ساڳئي وقت شادي هال جي وقت جي پابندي لاڳو ڪندي انتظاميا کي واپارين ۽ عوام جي جائز مسئلن کي به نظر ۾ رکڻ گهرجي.

حڪومت پاران اسپتالن، دوائن جي دڪانن، بيمارن جي جاچ مرڪزن، پيٽرول پمپن، بيڪرين، تندورن ۽ کير جي دڪانن کي وقت جي پابنديءَ کان ڇوٽ ڏيڻ هڪ ضروري قدم آهي، ڇاڪاڻ ته اهي شعبا ماڻهن جي روزاني ۽ بنيادي ضرورتن سان لاڳاپيل آهن. ساڳيءَ طرح گهرن تائين کاڌو پهچائڻ واري سهولت جاري رکڻ سان به ماڻهن کي ڪجهه آساني ملي سگهي ٿي. اصل ڪفايت شعاري رڳو بازارون جلد بند ڪرڻ جو نالو ناهي. حقيقي بچت اها آهي، جنهن ۾ حڪومت ۽ سرڪاري ادارا پنهنجي غير ضروري خرچن ۾ نمايان گهٽتائي آڻين. قومي وسيلن کي اجايو وڃڻ کان بچائين ۽ بچيل رقم عوام جي ڀلائي، تعليم، صحت ۽ بنيادي سهولتن تي خرچ ڪن. جيڪڏهن عام ماڻهوءَ کي قرباني ڏيڻ لاءِ چيو وڃي ٿو ته حڪمرانن ۽ سرڪاري ادارن کي به پنهنجي خرچن ۾ عملي طور گهٽتائي آڻڻي پوندي.

عوام اڳ ئي مهانگائي، بيروزگاري ۽ وڌندڙ خرچن جو بار برداشت ڪري رهيو آهي. تنهنڪري خرچن ۾ بچت جا قدم اهڙا هئڻ گهرجن، جن سان ٻارڻ ۽ سرڪاري خرچ گهٽ ٿين پر عام ماڻهن جي روزگار ۽ ننڍي ڪاروبار کي غير ضروري نقصان نه پهچي. حڪومت کي انهن قدمن سان ٿيندڙ بچت جا انگ اکر به عوام آڏو رکڻ گهرجن ته جيئن ماڻهن کي خبر پوي ته انهن فيصلن سان قومي ناڻي کي ڪيترو فائدو پهتو. ملڪي وسيلا محدود آهن ۽ موجوده حالتن ۾ بچت وقت جي ضرورت آهي پر اها بچت انصاف ۽ سمجهه سان ٿيڻ گهرجي. اسان سمجهون ٿا ته بچت جو بار رڳو عام ماڻهن جي ڪلهن تي نه پر حڪمرانن ۽ سرڪاري ادارن تي به برابر هئڻ گهرجي. تڏهن ئي ڪفايت شعاريءَ جي مهم هڪ سرڪاري حڪم تائين محدود رهڻ بدران قومي وسيلن جي حفاظت ۽ عوام جي ڀلائيءَ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿي.

لطيفي لاٽ —— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڏِٺَ ڏِرِي پَٽِ پِيئُون، ٿِئَا وَلْهِرِيئِين وَرَ،
اَئي ٿِي اُتَهِين، ڇَاڇِ سَپَڪَا ڇَڻَ،
جي مُحِبَ اَندَرِ مَنَ، سي پِرِين پِيهِي گهرِ آيا...

ٿر جي مختلف حصن ۽ ميداني علائقن ۾ مينهن وسڻ کان پوءِ جا خوبصورت منظر نظارا، جتي الڳ الڳ رنگن ۽ قسم جي گلن وارا گاهه روح کي، من کي تراوت بخشين ٿا. ڏنڊون، ڍورا مينهن جي پاڻيءَ سان ڀرجي اچي يا سفيد چادر جو ڏيک پيا ڏين هر طرف وڻندڙ ۽ دل لڀائيندڙ ماحول آهي، جو ته جن سڄڻن جي سار هئي سڪ هئي من ۾ جن لاءِ تانگهه هئي، سي پرين به گهر پهتا آهن. هر پاسي خوشيون ئي خوشيون آهن لطيف سائين اسان کي انهن ماڻهن جي خوشين، پيار، ميٺ محبت بابت ٻڌائي ٿو جن جو گذران مينهن پوڻ تي آهي، جو مالوند ماڻهو پنهنجي علائقن ڏانهن موٽ ڪندا آهن ۽ پنهنجي، پنهنجي گهر پاتين ۽ ٻچن سان گڏ جن کي لطيف سائين محب، سڄڻ پرينءَ سا پيٽ ڏئي ٿو. انهن جي اچڻ سان ئي دلين کي سرهائي ملي ٿي.

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

سمارٽ پيٽروليم لاڪ ڊائون لڳائڻ جون تياريون!


اعجاز ممنائي

تازو خبر آئي آهي ته عالمي مارڪيٽ ۾ ڏينهون ڏينهن وڌندڙ تيل جي قيمتن سبب ملڪ ۾ هفتي ۾ چار ڏينهن ڪم، ٽي ڏينهن موڪل ڪرڻ لاءِ، حڪومت پاران "سمارٽ پيٽروليم لاڪ ڊائون" لڳائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ذريعن موجب وفاقي حڪومت عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي مسلسل وڌندڙ قيمتن کي نظر ۾ رکندي، ملڪ ۾ تيل جي استعمال کي گهٽائڻ لاءِ هڪ نئون فارمولو تيار ڪيو آهي، جنهن کي "سمارٽ پيٽروليم لاڪ ڊائون" جو نالو ڏنو ويو آهي. فيصلي تحت ملڪ ۾ هفتي ۾ صرف 4 ڏينهن ڪم ۽ 3 ڏينهن موڪل هونديون. ذريعن جو چوڻ آهي ته سرڪاري ۽ خانگي آفيسون سومر کان خميس تائين کليل هونديون، جڏهن ته جمعو، ڇنڇر ۽ آچر تي مڪمل طور تي بند رهنديون. اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيون به هفتي ۾ چار ڏينهن ئي کليل هونديون. پبلڪ ٽرانسپورٽ کي محدود ڪرڻ تي به غور ڪيو پيو وڃي حڪومت جي انهن قدمن جو مقصد آهي ته ٽي ڏينهن گاڏيون نه هلن، آفيسن جا جنريٽر ۽ اي سيون بند رهن جنهن سان اربين روپين جي تيل جي بچت ٿي سگهي ٿي. چيو ته عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل 90 ڊالر في بيرل کان مٿي هليو ويو آهي، جنهن سان پاڪستان جو درآمدي بل تمام گهڻو وڌي ويو آهي. جيڪڏهن تيل جي استعمال تي ضابطو نه آندو ويو ته مهانگائي اڃا وڌيڪ وڌي ويندي.

ٻئي طرف چاٿايل فيصلي تي تنقيد به ٿي رهي آهي ته ان عمل سان مزدور طبقو متاثر ٿيندو. جيڪو روزانو ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪري ٿو. ان جي ٽن ڏينهن جي مزدوري ختم ٿي ويندي. ساڳئي ريت تعليم جو وڌيڪ حرج ٿيندو، جو ته اڳ ۾ ئي ملڪ جي تعليم متاثر ٿي چڪي آهي، وڌيڪ موڪلون شاگردن جو مستقبل خراب ڪنديون. ائين ئي ڪاروبار پڻ تباهه ٿيندو. ننڍا دڪاندار ۽ خانگي ڪاروبار هفتي ۾ ٽي ڏينهن بندش برداشت نه ڪري سگهندا. پيٽرول جي مهانگائيءَ جو سڀ کان وڌو اثر غريب ۽ وچولي طبقي تي پوي ٿو. امير ماڻهو ته اڄ به وڏين گاڏين ۾ سفر ڪن ٿا، سندن محلن جا ايئرڪنڊيشن بند نٿا ٿين. سندن قافلا گهٽ نٿا ٿين پر هڪ غريب مزدور لاءِ هر ليٽر پيٽرول به عذاب بڻجي ويو آهي. جيڪو ماڻهو صبح سوير مزدوريءَ لاءِ شهر وڃي ٿو. تنهن لاءِ موٽرسائيڪل ۾ پيٽرول پرائڻ هاڻي روزگار کان به وڌيڪ ڳرو محسوس ٿيڻ لڳو آهي. هڪ استاد يا ننڍو سرڪاري ملازم، جيڪو پنهنجي محدود پگهار ۾ گهر هلائي ٿو. جڏهن هر پندرهن ڏينهن ڪانهي پيٽرول جي اڳهه ۾ وڌيڪ واڌ ٿيڻ جي ڳالهه ٻڌي ٿو. تڏهن سندس گهر جو حساب ڪتاب بگڙي وڃي ٿو هڪ شاگرد، جيڪو تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ روزانو ڪيترائي ميل سفر ڪري ٿو انهيءَ لاءِ به اها مهانگائي خوابن جي راهه ۾ ڪنڊو بڻجي رهي آهي اصل ۾ پيٽرول رڳو هڪ شيءِ جي قيمت ناهي وڌائيندو پر اهو پوري مارڪيٽ کي ساڙي ڇڏيندو آهي. جڏهن پيٽرول مهانگو ٿئي ٿو ته ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌن ٿا ۽ جڏهن ٽرانسپورٽ مهانگي ٿئي ٿي ته هر شيءِ مهانگي ٿي وڃي ٿي. ڀاڄيون، فروٽ، اٽو، کنڊ، چانور، دوائون، ڪتاب، ڪپڙا، تعميراتي سامان ۽ روزمره شيون عام ماڻهوءَ جي پهچ کان ٻاهر ٿيڻ لڳن ٿيون. ماڻهوءَ جي پگهار ساڳي رهي ٿي پر ڏهاڙيدار طبقي جو خرچ وڌندو رهي ٿو.

ياد رهي ته هن وقت تائين وزارتِ پيٽروليم يا وفاقي حڪومت طرفان ڪو به سرڪاري نوٽيفڪيشن جاري نه ٿيو آهي. اها خبر اڃا تائين صرف "ذريعن" جي حد تائين آهي. حتمي فيصلو وفاقي ڪابينا جي اجلاس کان پوءِ ڪيو ويندو. هاڻي سوال اهو آهي ته ڇا تيل بچائڻ لاءِ موڪلون وڌائڻ صحيح حل آهي يا حڪومت کي ٻيو ڪو متبادل سوچڻ گهرجي؟ ان بابت ماڻهن جا مختلف رايا سامهون اچي رهيا آهن. ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته حڪومت جو اهو عمل ملڪ ۾ غريب کي وڌيڪ غريب ڪندو ۽ ننڍو طبقو بيحد متاثر ٿيندو. ان لاءِ سرڪاري آفيسرن، وزيرن ۽ مشيرن جو سرڪاري تيل بند ٿيڻ گهرجي. جڏهن ته ڪجهه ماڻهن جو خيال آهي ته "ورڪ فرام هوم" سان ماڻهن جا مسئلا حل ٿيڻ گهرجن. ان حوالي سان سنڌ جي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ آهي ته "ٻارڻ (فيول) جي کوٽ کي روڪڻ لاءِ وفاق جيڪي به فيصلا ڪندو، اسان انهن تي ڀرپور عمل ڪنداسين. جيستائين حالتون مڪمل طور تي ضابطي ۾ نه اچن، تيستائين قدم کڻندا رهنداسين. وفاق لاڪ ڊائون جو فيصلو ڪيو ته سنڌ حڪومت به ان تي عمل ڪندي" ياد رهي ته اوگرا پيٽرول ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ روزانو جي بنياد تي وڏي واڌ ڪري چڏي آهي. اربع تي جاري ڪيل تفصيلن مطابق پيٽرول جي في ليٽر قيمت ۾ 4 رپيا 42 پئسا، جڏهن ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي في ليٽر قيمت ۾ 6 رپيا 10 پئسا واڌ ڪئي وئي آهي پيٽرول جي قيمت ۾ واڌ ٿيڻ ڪانپوءِ نئين قيمت 380 رپيا 24 پئسا مقرر ڪئي وئي آهي ڊيزل جي قيمت ۾ واڌ ٿيڻ ڪانپوءِ نئون اڳهه 409 رپيا 42 پئسا في ليٽر مقرر ڪيو ويو آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پيٽرول رياستي پاليسين سان سستو رکيو ويندو آهي ته جيئن عوام کي رليف ملي سگهي، صنعتون هلن ۽ معيشت مستحڪم رهي پر اسان جهڙن ترقي پذير ملڪن ۾ حالتون مختلف آهن. هتي هر نئون بحران عوام جي مٿان بار بڻجندو آهي. حڪمران عالمي منڊي، ڊالر جي اڳهه، قرضن، ٽيڪسن ۽ معاشي دٻاءَ جا حوالا ڏيندا رهن ٿا پر عوام جي برداشت جي حدن جو ڪو احساس نٿو ڪيو وڃي.

دنيا ۾ جنگ جي پاڇي هيٺ اڀرندڙ سچ!

اياز وڳهيو

دنيا هن وقت هڪ اهڙي موڙ تي بيٺل آهي جتي تاريخ جي نبض تيزيءَ سان ڌڙڪي رهي آهي آسمان تي جنگ جا ڪڪر ڇانيل آهن سمنڊن ۾ بيچينيءَ جون لهرون آيل آهن مارڪيٽن ۾ غيريقينيءَ جو شور آهي ۽ سفارتڪاريءَ جي ٻڌجن ۽ لفظن جي جاءِ تي خدشن جو وزن وڌي ويو آهي ڪٿي ميزائلن جي گونج آهي ڪٿي ڊرونن جا پاڇا، ڪٿي بارود جي بوءِ ۽ ڪٿي امن جي تلاش ۾ ٿيندڙ خاموش ملاقاتون اهي صرف چند ملڪن جون جنگيون ناهن پر اهو بدلجندڙ عالمي نظام جون نشانيون آهن وچ اوڀر ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ تڪرار فلسطين جو اڻپورو الميو، روس ۽ يوڪرين جي ڊگهي جنگ، چين ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ مقابلو دنيا کي اهڙي نئين دور ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن، جنهن جو نقشو اڃا تائين مڪمل طور ڪنهن جي سامهون ناهي اچي سگهيو سوال اهو ناهي ته ايندڙ جنگ ڪٿي شروع ٿيندي؟ پر اصل سوال اهو آهي ته دنيا جنگ کي محدود رکڻ جي قابل رهندي يا ننڍا ننڍا بحران گڏجي ڪنهن وڏي عالمي طوفان جو روپ وٺندا؟ وچ اوڀر جي صورتحال ان سوال کي وڌيڪ گنڀير بڻائي ٿي ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ رڳو ٻن ملڪن جو معاملو ناهي آبناءِ هرمز جو نالو دنيا جي توانائيءَ جي نبض سان ڳنڍيل آهي جيڪڏهن هن سامونڊي رستي تي ڊگهي غيريقيني پيدا ٿئي ٿي ته انهيءَ جون لهرون تيل جي ملڪن کان نڪري دنيا جي هر بازار تائين پهچي سگهن ٿيون جنگ جو عجيب الميو اهو آهي ته ان جي پهرين گولي شايد سرحد تي هلي پر ان جو درد ڪنهن پري ويٺل غريب جي چلهه تائين پهچي سگهي ٿو. تيل مهانگو ٿئي ٿو ته سفر مهانگو ٿئي ٿو سفر مهانگو ٿئي ٿو ته شين جي قيمت وڌي ٿي صنعت تي بار وڌي ٿو ۽ آخرڪار جنگ جو حساب اهو ماڻهو ادا ڪري ٿو جنهن جنگ شروع ئي ناهي ڪئي فلسطين جو بحران به انسانيت جي ضمير تي هڪ وڏو سوال بڻيل آهي سالن کان هلندڙ تڪرار ۾ عام ماڻهن جون زندگيون، عزت ۽ مستقبل بارود جي وچ ۾ قائل آهي دنيا جي طاقتور ملڪن جي بيانن قراردادن ۽ سفارتي ڪوششن جي باوجود مستقل امن جو رستو اڃا به ڌنڌلو نظر اچي ٿو اهو الميو اسان کي ٻڌائي ٿو ته عالمي سياست ۾ طاقت ۽ انصاف جو وزن اڃا برابر ناهي ٿي سگهيو.

ٻئي طرف روس ۽ يوڪرين جي جنگ يورپ جي سياسي ۽ دفاعي سوچ کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي جيڪو براعظم ڊگهي عرصي تائين معاشي ترقي ۽ امن جي علامت سمجهيو ويندو هو اتي هاڻي دفاعي خرچ هٿيارن جي تياري ۽ سرحدي سلامتي ٻيهر مرڪزي موضوع بڻجي چڪا آهن جنگيون رڳو شهرن جون عمارتون ناهن ڊاهينديون، اهي قومن جي اعتماد، معيشتن ۽ مستقبل جي منصوبن کي به زخمي ڪنديون آهن پر دنيا جي ايندڙ وڏي ڪهاڻي شايد چين ۽ آمريڪا جي وچ ۾ لکجي رهي آهي هڪڙي پاسي آمريڪا پنهنجي عالمي اثر ۽ قيادت کي برقرار رکڻ جي ڪوشش ۾ آهي ته ٻئي طرف چين معاشي طاقت، ٽيڪنالاجي، هنرادو ذهانت، صنعت ۽ واپار جي ميدان ۾ تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهيو آهي ٽئيوان هن مقابلي جو سڀ کان حساس باب آهي جيڪڏهن اهو مقابلو ڪنهن ڏينهن فوجي ٽڪراءَ ۾ بدلجي ٿو ته ان جا اثر ايشيا جي ڪنڌين کان نڪري سڄي دنيا جي صنعت ۽ ٽيڪنالاجيءَ تائين پهچي سگهن ٿا. اڄ جي جنگ پراڻي دور جي جنگين جهڙي ناهي رهي اڳ دشمن جي فوج سرحد پار ڪري ايندي هئي پر هاڻي دشمن جي سڃاڻپ ڪڏهن ڪمپيوٽر جي اسڪرين، سائبر حملي، معاشي پابندي، معلوماتي مهم يا هنرادو ذهانت جي الگورٿم ۾ لڪل هوندي آهي بندوق جي جاءِ تي ڊيٽا، بارود جي جاءِ تي ٽيڪنالاجي ۽ محاذ جي جاءِ تي عالمي مارڪيٽ به جنگ جا ميدان بڻجي ويا آهن دنيا آهستي آهستي هڪ ٿئين گهڻ قطبي نظام ڏانهن وڌي رهي آهي چين، روس، ڀارت، برازيل ۽ ٻيون اڀرندڙ طاقتون عالمي سياست ۾ پنهنجي جاءِ مضبوط ڪري رهيون آهن ايندڙ دنيا شايد اهڙي دنيا هجي جتي هڪ ئي طاقت سڀني لاءِ حڪم نه لکندي پر ڪيترائي مرڪز پنهنجي پنهنجي مفادن سان عالمي منظرنامي کي شڪل ڏيندا اهڙي دنيا ۾ پاڪستان لاءِ به وقت جو سوال تمام اهم آهي اسان جي جوڳرافي ايران، افغانستان، چين ۽ ڀارت جهڙا ملڪ موجود آهن اسان جا معاشي مفاد تار جي ملڪن سان ڳنڍيل آهن چين سان اسٽريٽجڪ ۽ اقتصادي لاڳاپا آهن ۽ آمريڪا سان ڊگهي سفارتي تاريخ آهي تنهنڪري ايندڙ دور ۾ پاڪستان لاءِ جذباتي ٿيڻ بدران تدبر، نعري بدران حڪمتِ عملي ۽ وابستگيءَ بدران قومي مفاد کي بنياد بڻائڻ ضروري ٿيندو پاڪستان جي اصل طاقت صرف سرحدن تي بيٺل سپاهي ناهن پر ملڪ جي اصل طاقت هڪ مضبوط معيشت، مستحڪم ادارا، تعليم يافته نوجوان، جديد ٽيڪنالاجي، توانائيءَ جي سلامتي ۽ اهڙي سفارتڪاري آهي جيڪا دنيا جي مختلف طاقتن سان ڳالهائڻ جا دروازا کليل رکي. چو ته ڪمزور معيشت سان مضبوط سفارتڪاري به گهڻو پري نٿي وڃي سگهي ايندڙ دنيا ۾ جنگ جو ميدان شايد وڌيڪ وسيع هجي پر امن جا دروازا به اڃا بند ناهن ٿيا. دنيا هن وقت هڪ اهڙي پل تي بيٺل آهي جنهن جي هيٺان هڪڙي پاسي بارود جو درياهه وهي رهيو آهي ۽ ٻئي طرف ڳالهين جي ميز نظر اچي رهي آهي تاريخ جو رُخ طاقتور هٿن ۾ ضرور آهي پر انسانيت جي اميد ان ڳالهه ۾ آهي ته طاقت کي تباهيءَ بدران تحفظ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ايندڙ وقت جا آئيندو؟ شايد توان اتحاد، نيون جنگيون، نيون معاشي جنگيون يا طاقت جي نئين ورڇ پر هڪ ڳالهه طئي آهي ته دنيا هاڻي پراڻي دنيا نه رهندي. شايد ايندڙ دور جو سڀ کان وڏو سوال اهو نه هوندو ته ڪهڙي ملڪ وٽ سڀ کان وڌيڪ هٿيار آهن پر اهو هوندو ته ڪهڙي قوم وٽ پنهنجي عوام کي جنگ جي باهه کان بچائڻ، پنهنجي معيشت کي بحرانن کان محفوظ رکڻ ۽ اختلافن کي ڳالهين ۾ تبديل ڪرڻ جي ڏاهپ آهي چو ته تاريخ ۾ جنگيون گهڻيون ٿيون آهن پر انسانيت هميشه امن جي تلاش ۾ رهي آهي شايد دنيا جو ايندڙ صبح جنگ ۽ تباهي نه آڻي پر اهو صبح دنيا ۾ امن آڻي

پرڏيهي ڪرنسي جا ذخيرا: پاڪستان لاءِ هڪ قيمتي اثاثو

محمد ياسر

پاڪستان ۾ معاشي بحث گهڻو ڪري برآمدات، پرڏيهي قرضن ۽ ادائيگين تي مرڪوز هوندو آهي. تنهن هوندي به ملڪ جي مالي ڍانچي جو هڪ اهم پاسو اهڙو به آهي جنهن تي نسبتاً گهٽ ڌيان ڏنو ويندو آهي اُها پرڏيهي ڪرنسي جي جمع ٿيل رقم (ڊپازٽس) آهي جيڪا مقامي بئنڪنگ نظام ۾ موجود هوندي آهي اهڙي معيشت ۾، جتي مٽاسٽا جي شرح ۾ لاٿ چاڙهه ۽ ٻاهرين مالي دٻاءُ اڪثر هوندو آهي، اُتي اِهي جمع ٿيل رقمون صرف بئنڪنگ جون مخصوص شيون نه پر قيمتي اثاثا هوندا آهن جيڪڏهن انهن کي مؤثر طريقي سان استعمال ڪيو وڃي ته اِهي پاڪستان جي مالي نظام لاءِ مستحڪم ۽ قابلِ اعتماد ٿنڀا ثابت ٿي سگهن ٿا. پرڏيهي ڪرنسي جي اهميت بلڪل واضح آهي پاڪستان 25-2024ع جي مالي سال دوران 38.3 ارب ڊالرن جي ترسيلاتِ زر (remittances)رڪارڊ ڪئي جيڪا هڪ تاريخي بلند ترين سطح آهي اِهي انگ اکر پاڪستان ۽ سڄي دنيا ۾ رهندڙ پاڪستانين جي وچ ۾ مضبوط ۽ پائيدار مالي رشتي جي عڪاسي ڪن ٿا 26-2025ع جي پهرئين اڌ ۾ 19.7 ارب ڊالر وصول ٿيا، جن مان رڳو ڊسمبر 2025 ۾ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين 3.6 ارب ڊالرن جي رقم موڪلي اِهي انگ اکر اُن ڳالهه کي واضح ڪن ٿا ته سرڪاري ذريعن ذريعي هر سال پاڪستان ۾ وڏي مقدار ۾ پرڏيهي ناڻو اچي ٿو ۽ اِهي فنڊ ملڪ جي مالي نظام لاءِ انتهائي اهميت رکن ٿا. پرڏيهي ڪرنسي جا ذخيرا پاڪستان جي منظم بئنڪنگ نظام اندر ليڪوئڊيٽي وڌائڻ ۽ مالي استحڪام کي يقيني بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا جڏهن اِهي ذخيرا ملڪي بئنڪن ۾ رکيا وڃن ٿا ته باضابطه مارڪيٽ ۾ پرڏيهي مٽاسٽا جي دستيابي وڌي ٿي جنهن سان مالي نظام جي استحڪام کي هٿي ملي ٿي ان ڪري اِهي مٽاسٽا جي شرح کي سهارو ڏيندا آهن ۽ معيشت جي مهانگي مختصر مدت جي ٻاهرين قرض تي انحصار کي گهٽائيندا آهن پورٽ فوليو سيڙپڪاري جي ابتڙ جيڪا عالمي مالي غير يقيني صورتحال دوران تيزيءَ سان واپس ڪڍي سگهجي ٿي پرڏيهي پاڪستانين برآمد ڪندڙن ۽ بين الاقوامي ڪاروباري لاڳاپن رکندڙ ادارن جا ڊپازٽ عام طور تي لاڳاپن ۽ اعتماد تي ٻڌل هوندا آهن ان ڪري اهڙي نوعيت جا ڊپازٽ نسبتاً وڌيڪ پائيدار ۽ مستحڪم هوندا آهن پرڏيهي ڪرنسي جا اڪائونٽ عالمي واپار سان لاڳاپيل ڪاروبارن لاءِ ڪيترائي مالي فائدا فراهم ڪن ٿا درآمد ڪندڙن ۽ برآمد ڪندڙن کي انهن اڪائونٽن ذريعي بين الاقوامي ڏيتي ليتي آساني ۽ مؤثر نموني ڪرڻ بار بار ڪرنسي مٽائڻ سان ٿيندڙ خرچ گهٽائڻ ۽ سرحد پار ادائيگين جي بهتر منصوبابندي ڪرڻ ۾ سهولت ملي ٿي خدمتون برآمد ڪندڙ ۽ بين الاقوامي سطح تي ڪاروبار ڪندڙ ادارا پڻ هن سهولت مان فائدو وٺي سگهن ٿا. ڇاڪاڻ ته اهي پاڪستان جي باضابطه بئنڪنگ نظام اندر پنهنجي پرڏيهي آمدني محفوظ رکي ضرورت وقت ان کي استعمال ڪري سگهن ٿا.

ماڻهن خاص طور تي پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين لاءِ پرڏيهي ڪرنسي اڪائونٽن جو هڪ اهم پاسو مالي رابطن جو تسلسل آهي اِهي اڪائونٽ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين کي عالمي سطح تي مجيل ڪرنسين ۾ پنهنجي بچت محفوظ رکڻ جي سهولت فراهم ڪن ٿا جنهن جي نتيجي ۾ اِهي ملڪي بئنڪنگ نظام سان ڳنڍيل رهن ٿا. فيصل بئنڪ (Faysal Bank)جهڙا ادارا پرڏيهي گراهڪن جي ضرورتن مطابق تيار ڪيل پرڏيهي ڪرنسي بئنڪنگ جون سهولتون فراهم ڪري هن رشتي کي وڌيڪ مضبوط بڻائي رهيا آهن جنهن سان پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين کي پنهنجا مالي معاملا آساني اعتماد ۽ سهولت سان هلائڻ ۾ مدد ملي ٿي

پرڏيهي ڪرنسي جي جمع (Deposits)جي ڊگهي مدي واري افاديت صرف انهن جي موجودگي تائين محدود ناهي پر ان جو دارومدار انهن جي عملي استعمال تي پڻ آهي پاڪستان ۾ تاريخي طور پرڏيهي ڪرنسي جا اڪائونٽ اڪثر غير فعال رهيا آهن جيئن ته اڪثر انهن ۾ رقم پرڏيهي ڪرنسي ۾ محفوظ رکڻ جي سهولت موجود آهي پر روزمره جي مالي معاملن ۾ انهن جو استعمال محدود رهيو آهي هاڻي ڊجيٽل مالي نظام جي وڌندڙ استعمال سان گراهڪ چاهين ٿا ته اهي اڪائونٽ رڳو رقم محفوظ رکڻ تائين محدود نه هجن پر بين الاقوامي ادائيگين ڊجيٽل رسائي ۽ سرحد پار ڏيتي ليتي لاءِ به آسان، تيز ۽ مؤثر مالي سهولت فراهم ڪن

مستقبل تي نظر رکندڙ بئنڪون هن تبديليءَ کي سمجهن ٿيون ۽ اُن طرف عملي قدم کڻي رهيون آهن مثال طور، فيصل بئنڪ جديد بئنڪنگ جون سهولتون شامل ڪري پرڏيهي ڪرنسي اڪائونٽن جي افاديت کي وڌايو آهي جنهن سان گراهڪ پنهنجي فنڊز تائين آسانيءَ سان رسائي حاصل ڪري انهن کي مؤثر طريقي سان استعمال ڪري سگهن ٿا ان سلسلي ۾ هڪ اهم اڳڀرائي پرڏيهي ڪرنسي ڊيبٽ ڪارڊز جو جاري ٿيڻ آهي سنئي طرح پرڏيهي ڪرنسي اڪائونٽن سان ڳنڍيل اِهي ڪارڊ بين الاقوامي ادائيگين نقد رقم ڪڍڻ ۽ پرڏيهه ۾ ٿيندڙ خرچن جي بهتر انتظام ۾ سهولت فراهم ڪن ٿا اهي قدم محض ڪنهن پراڊڪٽ (مصنوعات) جي بهتري يا اپ گريڊيشن نه بلڪ هڪ بنيادي تبديليءَ جي عڪاسي ڪن ٿا گراهڪن کي روزمره جي معاملن لاءِ پنهنجي پرڏيهي ڪرنسي جي جمع رقم (deposits)کي فعال طور تي استعمال ڪرڻ جي سهولت ڏئي بئنڪ انهن اڪائونٽن کي غير فعال پئسن جي ذخيرن مان بدلائي متحرڪ ۽ اثرائتي مالي ذريعن ۾ تبديل ڪري رهي آهي اها تبديلي خاص طور تي اهم آهي ڇاڪاڻ ته ان سان جمع ڪرائيندڙن کي پنهنجي رقم پرڏيهه جي اڪائونٽن ۾ منتقل ڪرڻ بدران پاڪستان جي باضابطه ۽ ريگيوليٽيڊ مالي نظام ۾ رکڻ جي ترغيب ملي ٿي وسيع تناظر ۾، اها ڳالهه بلڪل واضح آهي ته پرڏيهي ڪرنسي جي ذخيرن (deposits)کي معاشي دٻاءَ جي وقت ۾ صرف هڪ عارضي سهاري طور ته ڏسڻ گهرجي بلڪ اِهي اهڙا اسٽريٽجڪ قومي اثاثا آهن جيڪي ملي وسيلن جي دستيابي (liquidity)کي وڌائڻ ملي اعتماد کي هٿي ڏيڻ ۽ پرڏيهه ۾ رهندڙ پاڪستانين سان مالي لاڳاپن کي مضبوط ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا. هن صلاحيت کي حقيقت جو روپ ڏيڻ لاءِ بئنڪنگ شعبي ۾ جدت سان گڏوگڏ هڪ مستحڪم ريگيوليٽري ماحول جي ضرورت پوندي. جيئن جيئن بئنڪون ڊجيٽل پليٽ فارمز، ادائگين جي جديد طريقن ۽ گراهڪن تي ٻڌل خدمتن ذريعي پرڏيهي ڪرنسي اڪائونٽن جي ڪارڪردگي کي وڌائي رهيون آهن، تيئن اِهي ڳالهه کي يقيني بڻائي رهيون آهن ته پاڪستان ۾ سالياني بنيادن تي ايندڙ پرڏيهي ناڻو نه رڳو هڪ عارضي سهاري طور ڪم اچي پر ڊگهي مدي واري مالي استحڪام جو ذريعو پڻ بڻجي فيصل بئنڪ جهڙا ادارا اِهو ڏيکاري رهيا آهن ته بئنڪنگ وارو شعبو هن تبديليءَ ۾ ڪيئن هڪ مثبت ۽ تعميري ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. پرڏيهي ڪرنسي اڪائونٽن ۾ پيل غير فعال رقم کي فعال مالي وسيلو بڻائڻ سان، مالي صنعت پرڏيهه مان ايندڙ ناڻي جي وهڪري کي ملڪ جي معاشي مستقبل بابت ڊگهي مدي واري اعتماد ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿي

ڪيپ ٽائون کان سنڌ اسيمبليءَ تائين: پارلياماني سفارتڪاريءَ جو سفر!

محمد فاروق راجپوت

دنيا تيزيءَ سان تبديل ٿي رهي آهي عالمي سياست جا روايتي معيار تبديل ٿي رهيا آهن رياستن وچ ۾ لاڳاپن جا انداز بدلجي رهيا آهن ٽيڪنالاجي حڪومتن ۽ معاشرن وچ ۾ فاصلا گهٽ ڪري ڇڏيا آهن ۽ عالمي قانون، انساني حقن، ماحولياتي تبديلي ۽ جمهوري ادارن جي مضبوطي جهڙا موضوع هاڻي ڪنهن هڪ ملڪ جا اندروني معاملا نه رهيا آهن اهڙي وقت ۾ پارليامينٽز وچ ۾ رابطن ۽ تجربن جي ڏي وٺ رڳو هڪ رسمي سرگرمي نه پر عالمي سطح تي هڪ اهم سفارتي عمل آهي ڏکڻ آفريڪا جي شهر ڪيپ ٽائون ۾ 13 کان 19 سيپٽمبر 2026ع تائين منعقد ٿيندڙ 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس" به انهيءَ وسيع تناظر ۾ اهميت رکي ٿي ڪانفرنس جو موضوع به موجوده عالمي صورتحال جي عڪاسي ڪري ٿو يعني "بدلجندڙ عالمي نظام ۾ عالمي قانون ۽ پارلياماني جمهوريت کي مضبوط ڪرڻ ڪامن ويلٿ جي قيادت" اهو موضوع ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته دنيا ۾ تبديليءَ جي رفتار تيز ٿي چڪي آهي ۽ پارلياماني ادارن کي به پنهنجي ڪردار، ترجيحن ۽ ذميوارين تي نئين سر غور ڪرڻو پوندو. ڪانفرنس ۾ دنيا جي مختلف ملڪن مان اسپيڪر، پريزائيڊنگ آفيسر، پارليامينٽ جا ميمبر ۽ پارلياماني عملدار شرڪت ڪري رهيا آهن پاڪستان پاران به پارلياماني نمائندگي هن عالمي ڳالهه ٻولهه جو حصو آهي ۽ سنڌ اسيمبليءَ جو اسپيڪر سيد اوِيس قادر شاهه اسيمبليءَ جي وفد جي قيادت ڪري رهيو آهي ساڻس گڏ سنڌ اسيمبليءَ جا ميمبر ۽ عملدار پڻ ڪانفرنس ۾ شريڪ آهن

ڪيپ ٽائون ۾ منعقد ٿيندڙ اها ڪانفرنس دراصل رڳو هڪ اجلاس ناهي پر مختلف پارليامينٽز وچ ۾ تجربن مسئلن ۽ ممڪن حلن جي ڏي وٺ جو هڪ وسيع فورم آهي جمهوريت جو بنيادي ڍانچو جيتوڻيڪ دنيا جي مختلف ملڪن ۾ مختلف شڪلين ۾ موجود آهي پر پارلياماني ادارن کي درپيش ڪيترائي مسئلا هڪجهڙا آهن قانونسازيءَ کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ عوامي نمائندگيءَ کي مضبوط ڪرڻ ادارن ۾ شفافيت پيدا ڪرڻ عورتن جي سياسي شرڪت وڌائڻ نوجوانن کي پارلياماني عمل سان ڳنڍڻ ۽ بهتر حڪمرانيءَ لاءِ ٽيڪنالاجي جو استعمال اهڙا موضوع آهن جن تي مختلف ملڪن جون پارليامينٽون هڪ ٻئي جي تجربن مان سکي سگهن ٿيون

هتي سنڌ اسيمبليءَ جي نمائندگي پڻ هڪ اهم پاسو آهي سنڌ اسيمبلي پاڪستان جي قديم ترين قانون ساز ادارن مان هڪ آهي ۽ صوبي جي عوام جي نمائندگيءَ سان گڏ قانونسازي، صوبائي حڪومت جي نگراني ۽ عوامي مسئلن کي ايوان ۾ اجاگر ڪرڻ جي ذميواري به ادا ڪري ٿي. هن اداري جي اسپيڪر جي ڪنهن عالمي پارلياماني فورم ۾ شرڪت جو هڪ اهم پهلو اهو به آهي ته سنڌ جا پارلياماني تجربا عالمي سطح تي ٻين پارليامينٽن آڏو اچن ٿا ۽ ٻين اسيمبلين جي طريقيڪار مان سکڻ جو موقعو ملي ٿو. 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس ۾ عالمي قانون ۽ پارلياماني جمهوريت کي مرڪزي موضوع بڻائڻ پڻ غور ڪرڻ جهڙي ڳالهه آهي. چو ته موجوده دور ۾ عالمي قانون بابت مختلف سوال سامهون اچي رهيا آهن. عالمي تڪرارن، انساني حقن، ماحولياتي تبديلي، معاشي اڻبرابري، ڊجيٽل دنيا ۽ هنرادو ذهانت رياستن ۽ پارليامينٽن لاءِ نئين نوعيت جا چئلينج پيدا ڪيا آهن. اهڙين حالتن ۾ قانونسازيءَ جي روايتي طريقيڪار کي جديد گهرجن سان ڳنڍڻ ضروري ٿي پيو آهي جديد ٽيڪنالاجي جتي معلومات تائين رسائي آسان بڻائي ڇڏي آهي، اتي غلط معلومات، سائبر ڏوهن، ڊجيٽل نگراني ۽ آن لائين نفرت جهڙا مسئلا به پيدا ٿيا آهن. پارليامينٽن کي اهڙا قانون ٺاهڻ جي ضرورت آهي، جيڪي شهرين جي حقن جو تحفظ پڻ ڪن ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي مثبت استعمال لاءِ رستو به هموار ڪن. اهڙيءَ طرح ماحولياتي تبديلي هاڻي رڳو ماحوليات جو موضوع ناهي رهي پر معيشت، صحت، زراعت، پاڻي ۽ شهري منصوبابنديءَ سان سڌي ريت ڳنڍجي چڪي آهي ڪانفرنس جي پروگرام ۾ 42هين سي پي اي اسمال برانچز ڪانفرنس، 10هين ڪامن ويلٿ وومين پارليامينٽيرينز ڪانفرنس، سي پي اي جنرل اسيمبلي، سي پي اي ايگزيڪيوٽو ڪميٽيءَ جو اجلاس ۽ مختلف خصوصي پارلياماني ورڪشاپس پڻ شامل آهن. عورت پارليامينٽيرينز لاءِ الڳ فورم ان لحاظ کان اهم آهي ته دنيا جي مختلف حصن ۾ عورتن جي سياسي نمائندگيءَ جا مسئلا هڪ ٻئي کان مختلف به آهن ۽ ڪيترن ئي حوالن سان هڪجهڙا به. عورتن کي فيصلا سازي جي عمل ۾ وڌيڪ اثرائتي نمائندگي ڏيڻ جمهوري ادارن جي مضبوطي جو هڪ اهم حصو آهي. اهڙيءَ طرح ننڍين پارلياماني شاخن جا مسئلا به پنهنجي نوعيت جا هوندا آهن. محدود وسيلا، انتظامي صلاحيت، قانونسازي جي عمل ۾ فني مدد ۽ پارلياماني تحقيق جهڙن معاملن ۾ مختلف ادارا هڪ ٻئي جي تجربن مان فائدو حاصل ڪري سگهن ٿا. ڪامن ويلٿ پارلياماني ايسوسيئيشن جو اهو فورم اهڙن تجربن کي هڪ ٻئي تائين پهچائڻ جو ذريعو بڻجي ٿو.

سنڌ اسيمبليءَ جي وفد ۾ اسيمبلي ميمبرن سان گڏ سنڌ اسيمبليءَ جي سيڪريٽري جي ايم عمر فاروق ۽ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ جي شرڪت پڻ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪري ٿي ته پارلياماني نظام رڳو چونڊيل نمائندن تائين محدود ناهي رهندو پر اسيمبليءَ جو انتظامي، تحقيقي ۽ ميڊيا وارو نظام به ان جي مجموعي ڪارڪردگي جو حصو هوندو آهي هڪ اثرائتي پارليامينٽ لاءِ قانون سازن سان گڏ پارلياماني عملي جي پيشورانه صلاحيت پڻ بنيادي اهميت رکي ٿي هتي هڪ سوال ضرور پيدا ٿئي ٿو ته اهڙن عالمي اجلاسن مان واپس اچي اسان پنهنجي پارلياماني نظام ۾ ڇا ڪري سگهون ٿا؟ چو ته اصل فائدو تڏهن ئي ٿيندو جڏهن عالمي ڪانفرنسن ۾ ٿيندڙ ڳالهين کي رسمي شرڪت تائين محدود نه رکيو وڃي پر انهيءَ کي پنهنجي ايوان ۾ شامل ڪيو وڃي جيڪڏهن مختلف ملڪن جي قانونسازيءَ جي طريقيڪار، پارلياماني ڪميٽين جي نظام، عوامي مشاورت، قانونسازيءَ کان اڳ تحقيق، ڊجيٽل پارليامينٽ، عورتن ۽ نوجوانن جي شرڪت ۽ پارلياماني نگرانيءَ جي طريقن جو جائزو وٺي انهن مان مقامي حالتن مطابق قابل عمل طريقا اختيار ڪيا وڃن ته اهڙي شرڪت جو عملي فائدو سامهون اچي سگهي ٿو.

سنڌ اسيمبليءَ جي اسٽينڊنگ ڪميٽين جو نظام پڻ ان سلسلي ۾ خاص اهميت رکي ٿو دنيا جي ڪيترين ئي پارليامينٽن ۾ ڪميٽيون قانونسازي ۽ حڪومتي نگرانيءَ جي حوالي سان بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿيون سنڌ اسيمبليءَ جي اسٽينڊنگ ڪميٽين کي وڌيڪ تحقيقي سهڪار، بروقت معلومات ۽ لاڳاپيل ادارن سان اثرائتي رابطي جون سهولتون حاصل هجن ته قانونسازي ۽ نگراني جي عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو پارلياماني جمهوريت رڳو ايوان ۾ تقريرن جو نالو ناهي اصل جمهوري عمل ان وقت مضبوط ٿيندو آهي جڏهن چونڊيل نمائندا عوام جي مسئلن کي قانونسازيءَ ۾ تبديل ڪن، حڪومت کان سوال ڪن پاليسين جو جائزو وٺن لاڳاپيل ادارن کان جواب طلب ڪن ۽ عوام کي اهو احساس ڏيارين ته سندن آواز ايوان تائين پهچي رهيو آهي عالمي پارلياماني ڪانفرنسون انهيءَ وسيع تصور کي سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿيون.

ڪيپ ٽائون جي ڪانفرنس ۾ ڏکڻ آفريڪا جا پارلياماني تجربا پڻ ٻين ملڪن جي وفدن لاءِ اهم حوالو آهن ڏکڻ آفريڪا پاڻ هڪ ڊگهي ۽ پيچيده سياسي تاريخ مان گذريو آهي ۽ اتي جمهوري ادارن جي جوڙجڪ ۽ مضبوطي هڪ تاريخي عمل جو نتيجو آهي ان ڪري مختلف ملڪن جي نمائندن لاءِ اتي جي پارلياماني تجربن جو مطالعو ۽ خيالن جي ڏي وٺ هڪ فائديمند مشق ثابت ٿي سگهي ٿي پاڪستان لاءِ پڻ پارلياماني سفارتڪاري جي اهميت وڌي رهي آهي عالمي سطح تي پاڪستان جو مؤقف رڳو حڪومتي سطح تي ئي نه پر چونڊيل نمائندن ذريعي به سامهون اچڻ گهرجي پارليامينٽن وچ ۾ رابطا عوامي سطح تي لاڳاپن کي بهتر بڻائڻ ۽ مختلف ملڪن جي قانون سازن کي هڪ ٻئي جي نقطي نظر کان آگاهه ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا ڪيپ ٽائون ۾ ٿيندڙ 69هين ڪامن ويلٿ پارلياماني ڪانفرنس جو بنيادي پيغام اهو آهي ته جمهوري ادارن جي مضبوطي هڪ مسلسل عمل آهي قانون، پارليامينٽ، عوامي نمائندگي، انساني حق ۽ سٺي حڪمراني هڪ ٻئي کان الڳ نه پر هڪ ئي جمهوري نظام جا مختلف پاسا آهن سنڌ اسيمبليءَ جي وفد لاءِ اها ڪانفرنس تجربو حاصل ڪرڻ اتي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه کي سکڻ ۽ سمجهڻ پنهنجا پارلياماني تجربا دنيا آڏو رکڻ ۽ ٻين قانون ساز ادارن سان رابطا وڌائڻ جو اهم موقعو آهي هاڻي ڏسڻو اهو آهي ته ڪيپ ٽائون جي ميزن تي ٿيندڙ اها ڳالهه ٻولهه سنڌ اسيمبليءَ جي ايوان، سنڌ اسيمبليءَ جي اسٽينڊنگ ڪميٽين ۽ قانونسازيءَ جي عمل تائين ڪهڙي حد تائين پهچي ٿي چو ته هيءَ اهو مرحلو هوندو آهي جتي هڪ عالمي ڪانفرنس ۾ شرڪت رڳو رسمي سرگرمي ناهي رهندي پر عملي پارلياماني بهتري ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي

اجوڪو ڏينهن ---- 18 سيپٽمبر

مير مرتضيٰ ڀٽو



اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي فرزند مير مرتضيٰ ڀٽي جي پيدائش جو ڏينهن آهي هن جو جنم 18 سيپٽمبر 1954ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم سينٽ ميري اسڪول راولپنڊيءَ مان حاصل ڪئي جڏهن ته اوليول جو امتحان ڪراچي گرامر اسڪول مان پاس ڪيائين 1976ع ۾ هارورڊ يونيورسٽي لنڊن مان گريجوئيشن ڪيائين 1977ع ۾ پنهنجي والد ذوالفقار علي ڀٽي جي گرفتاريءَ ڪانپوءِ هو ملڪ کان ٻاهر هليو ويو هن پنهنجي ڀاءُ شاهنواز ڀٽي سان گڏ پنهنجي پيءُ جي آزاديءَ لاءِ عالمي طاقتن کان مدد وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پر ڪامياب نه ٿي سگهيو 1993ع ۾ وطن واپس موٽيو ۽ پنهنجي ڀيڻ محترمه بينظير ڀٽو سان سندس نظرياتي اختلاف ٿي پيا ۽ هن پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو) جو بنياد وڌو هن صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ تي ڪاميابي به حاصل ڪئي 20 سيپٽمبر 1996ع تي شام جو اٽڪل 6:35 منٽن تي سندس قافلي تي سنڌ پوليس پاران انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي وئي جنهن ۾ پاڻ پنهنجن 6 ساٿين سميت شهيد ٿي ويو.

مولانا عبدالرزاق قاضي

مولانا عبدالرزاق قاضي پنهنجي دور جو جيد عالم، استاد ۽ صحافي هو 18 سيپٽمبر 1892ع تي روهڙيءَ ۾ سندس ولادت ٿي هن ابتدائي تعليم روهڙيءَ ۽ خيرپور ميرس مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان سنڌ مدرسي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان پاس ڪيو ان بعد پهريائين پيرجهنڊي جي مشهور مدرسي دارالرشاد ۽ پوءِ لاهور مان ديني تعليم حاصل ڪيائين هن سنڌ مدرسي ۽ اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچيءَ ۾ عربي ٽيچر طور ڪم ڪيو 1930ع ۾ ڪراچيءَ مان "علمي دنيا" نالي هڪ رسالو جاري ڪيائين 1936ع ۾ الوحيد اخبار جو نائب ايڊيٽر مقرر ٿيو پاڻ هڪ وڏو ديني عالم ۽ ليکڪ هو هن ديني ۽ اصلاحي موضوعن تي 23 ڪتاب لکيا، جن ۾ هن جو لکيل قرآن مجيد جو تفسير به شامل آهي هن 19 مئي 1961ع تي راهه رباني ورتي

مرزا اسد بيگ اسد



مرزا اسد بيگ اسد شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ جو فرزند هو هن جو جنم 18 سيپٽمبر 1913ع تي ٽنڊي ٺوڙهي حيدرآباد جي ميونسپل اسڪول مان ابتدائي تعليم حاصل ڪئي گورنمينٽ هاءِ اسڪول حيدرآباد مان مئٽرڪ پاس ڪيائين اڳتي هلي ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيائين عملي زندگيءَ جي شروعات 1934ع ۾ سنڌ ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ ۾ ملازمت سان ڪيائين ۽ مختلف عهدن تي ڪم ڪري 1970ع ۾ رٽائر ٿيو رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مسلم ڪاليج حيدرآباد جي پرنسپال طور ڪم ڪيائين ادب سان دلچسپي ڪيس ورثي ۾ ملي 1952ع ۾ "اداره قليچ" قائم ڪري مختلف ڪتاب ڇپرايائين ۽ "قليچ" رسالو جاري ڪيائين. جنهن جو پاڻ ئي ايڊيٽر هو هو هڪ بهترين شاعر، نثر نويس ۽ ناٽڪ نويس هو هن جي شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، منقبتون، غزل، نظم، قطعا ۽ ڪافيون شامل آهن هن ڪيترائي نصابي ڪتاب لکيا. ان کان علاوه "ديوان قاسم"، "ڪلام قليچ"، "عجيب جواهر" ۽ ٻيا ڪتاب لکيا. هن ڪيترائي ڊراما پڻ لکيا. هن 10 اپريل 1990ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

قربان جيلاني

اڄ ريڊيو، ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪار قربان جيلانيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 18 سيپٽمبر 1938ع تي حيدرآباد ۾ ڄائو هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڊراما آرٽسٽ طور 1959ع ۾ ڪئي ان بعد هن ريڊيو پاڪستان ڪراچي ۽ پاڪستان ٽيليويزن جي ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا سندس مشهور ٽي وي ڊرامن ۾ انڪل عرفي، ديواريں ۽ افشان وغيره شامل آهن فلم دوراها (1967ع) سندس پهرين فلم هئي سمندر (1968ع)، جهان تم وهان هم (1968ع) ۽ امبيلي (1973ع) سندس يادگار فلمون هيون هن ڪُل سورهن فلمن ۾ ڪم ڪيو جن ۾ 8 اردو 7 سنڌي ۽ هڪ پنجابي فلم شامل آهي هن جي آخري فلم "ميرا انصاف" هئي جيڪا 1987ع ۾ رليز ٿي قربان جيلانيءَ 30 آڪٽوبر1996ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي

ڊاڪٽر اڪبر حيدر سومرو

اڄ اکين جي بيمارين جي ماهر انتظامي سربراهه ۽ تعليمي ماهر ڊاڪٽر اڪبر حيدر سومري جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 18 سيپٽمبر 1947ع تي لاڙڪاڻي ۾ ٿيو سندس والد جو نالو غلام حيدر سومرو ۽ امڙ جو نالو ارباب خاتون هو هن مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان پاس ڪيو ۽ ايم بي بي ايس جي سند لياقت ميڊيڪل ڪاليج (هاڻوڪي يونيورسٽي) مان حاصل ڪئي 1991ع ۾ ڪولمبو يونيورسٽيءَ مان ڊاڪٽريٽ آف سائنسز جي سند پڻ حاصل ڪيائين پاڻ رايل ڪاليج آف لنڊن ۽ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز نيدرلينڊس جو ميمبر ۽ آمريڪا جي ميڊيڪل اڪيڊميءَ جو فيلو پڻ رهيو عملي زندگيءَ جي شروعات 1970ع ۾ سکر ۾ ميڊيڪل آفيسر طور ڪيائين 1975ع ۾ پيپلز ميڊيڪل ڪاليج نوابشاهه ۾ اسسٽنٽ پروفيسر مقرر ٿيو 1985ع ۾ چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج جو پرنسپال مقرر ٿيو جتي هن سڄا سارا ٻارهن سال ايم ايس پرنسپال ۽ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏنيون. اڳتي هلي شهيد بينظير ڀٽو يونيورسٽي لاڙڪاڻي جو وائيس چانسلر مقرر ٿيو هن ڪراچيءَ جي مختلف اسپتالن ۾ به اکين جي بيمارين جي ماهر طور خدمتون سرانجام ڏنيون آهن


مختيار انڙ

محمد عظيم ڪنڀار

اڄ مشهور ليکڪ ۽ چترڪار محمد عظيم ڪنڀار جي سالگره جو ڏينهن آهي هن جو جنم 18 سيپٽمبر 1970ع تي عمرڪوٽ تعلقي جي ڳوٺ ڪارڙو چارڻ ۾ ٿيو هن بي اي جي سند حاصل ڪرڻ سان گڏ سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو عملي زندگيءَ جي شروعات پرائمري استاد طور ڪيائين بعد ۾ اها نوڪري ڇڏي ايل بي او ڊي ۾ سروير مقرر ٿيو ادب سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي رهيس هو هڪ ڪهاڻيڪار ۽ شاعر طور ادبي افق تي نڪري نروار ٿيو شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿس پر غزل سندس وڻندڙ صنف آهي سندس ڪتاب "پرين پڳهه چوڙيا" ڇپجي چڪو آهي پاڻ هڪ سٺو چترڪار به آهي ۽ ڪيترن ئي شخصيتن جون تصويرون ٺاهيون اٿس هن جي ڪوشش سان سندس ڳوٺ ۾ طلب المولیٰ لائبريري قائم ٿي هو هڪ سٺو آرڪيٽيڪٽ پڻ آهي

استاد خيرمحمد خان ماڇيڇو

استاد خيرمحمد خان پنهنجي دور جو نامور ڳائڪ ۽ ڪلاسيڪي موسيقيءَ جو وڏو ماهر هو هو 1898ع ڌاري هندستاني رياست جيسلمير جي ڳوٺ ڏيوي ڪوٽ ۾ پيدا ٿيو سندس والد استاد نبي بخش خان ۽ چاچو سومار خان پنهنجي وقت جا مشهور راڳي هئا اڳتي هلي سندس خاندان جيسلمير ڇڏي سنڌ جا وڻ اچي وسايا. سندس خاندان ڪجهه عرصو سانگهڙ ضلعي ۾ خانبهادر غلام محمد وسان جي ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪئي بعد ۾ حيدرآباد جي سخي پير ڪالونيءَ ۾ اچي آباد ٿيو. استاد خير محمد موسيقيءَ جي ابتدائي سکيا پنهنجي چاچي کان ورتي، ان بعد استاد امير علي خان وٽ راڳ جون رمزون سکيو. هو ڪلاسيڪي رنگ ۾ ڪافيون ڳائيندو هو ان کان علاوه خيال، ٺمري، ڏادرو، تان ۽ پلٽي ۾ به وڏي مهارت حاصل هئس. هن دهلي ريڊيو ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ڪيترائي لاثاني ڪلام ڳايا، جيڪي تمام گهڻو مشهور ٿيا. مشهور ڳائڪ جيوڻي ٻائي سندس شاگردياڻي هئي. ٻيا به ڪيترائي شاگرد پيدا ڪيائين مرحوم سوز هالائيءَ پنهنجي ڪتاب ساز ۽ آواز ۾ هن جي وفات جي تاريخ 13 شوال 1961ع لکي آهي، جڏهن ته اڪثر حوالن ۾ 18 سيپٽمبر 1965ع چاڻائي وئي آهي.

مولانا عبيد الله لغاري

مولانا عبيدالله لغاري تحريڪ آزاديءَ جي عظيم اڳواڻ مولانا عبيد الله سنڌيءَ جو ويجهو ساٿي هو هو 1871ع ۾ نهال خان لغاريءَ جي گهر ڳوٺ داد لغاري ضلعي گهوٽڪيءَ ۾ ڄائو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين وڌيڪ تعليم نوشهروفيروز، ٺٽي، ملتان، بهاولپور ۽ ڪراچيءَ جي مختلف مدرسن مان حاصل ڪيائين هن جي مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان امروٽ شريف واري مدرسي ۾ ملاقات ٿي جڏهن انهيءَ مدرسي پاران "محمود المطابع" نالي هڪ اشاعتي ادارو کولي اسلامي ڪتابن جي ڇپائيءَ جو ڪم شروع ٿيو ته انهيءَ اداري ۾ مولانا عبدالله لغاريءَ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جو هٿ ونڊائيندي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. هن 1901ع کان 1914ع تائين ڳوٺ پير جهنڊو ضلعي مٽياريءَ واري مدرسي "دارالرشاد" ۾ مدرس طور ڪم ڪيو هن ريشمي رومال تحريڪ ۾ سرگرميءَ سان حصو ورتو هن 1915ع ۾ مولانا سنڌيءَ سان گڏ ڪابل جو سفر ڪيو ۽ 1916ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جا لکيل خط حڪيم محمد اجمل، مولانا محمد علي جوهر ۽ ڊاڪٽر مختيار احمد انصاريءَ تائين پهچايا. ريشمي رومال تحريڪ جو راز فاش ٿيڻ بعد انگريز سرڪار ٻين عالمن سان گڏ مولانا عبيدالله لغاريءَ کي به گرفتار ڪيو ۽ هن به سال جيل جون تڪليفون برداشت ڪيون 1926ع ۾ مولانا عبيدالله سنڌي مڪي شريف پهتو ته مولانا عبيدالله اتي وڃي سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو وطن واپسيءَ کان پوءِ لڳ ڀڳ ڇهه سال سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم اي جي شاگردن کي قرآن شريف جو تفسير پڙهائيندو رهيو هن بزرگ 18 سيپٽمبر 1958ع تي راهه رباني ورتي

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 352 سال 2026

مسمات شاهده ..پلينٽف. بخلاف. شير محمد عرف شيرل ولد غلام نبي پير رهاڻو ڳوٺ ڪانٽي پير تعلقو ڪي آين شاه ضلعو دادو حال رهاڻو خدا آباد ڪالوني سبزي منڊي دادو..ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس فار پلينٽف اينڊ مائنر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 24-09-2026 تي وقت 8.30 بجي صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

بيزاري نامون

جيئن ته اسين سڀ ڀائر هر هڪ نالي حبيب الله، حميد الله، الطاف، هدايت الله بروهي پنهنجي والد سبزل بروهي سميت هن اخباري اشتهار ذريعي هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿا ڪيون ته اسان جا سئوٽ ڪوڙو، لطيف، رفيق بروهي سپٽي پٽ پنهل بروهي بري صحبت ۾ اچي برا ڪم ڪري رهيا آهن ان لاءِ جيڪو به شخص هنن سان ڏيتي ليتي، قلدو يا واپار وغيره ڪندو ته اهو ان جو پاڻ ذميوار هوندو جنهن سان اسان جو ڪو تعلق نه آهي اسين پنهل بروهي ۽ ان جي پٽن ڪوڙو، لطيف، رفيق بروهي وارن کان بيزاري ۽ لاتعلقي جو اظهار ڪيون ٿا اسان جو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي.

حبيب الله ولد سبزل بروهي وينل: ڦول باغ محلا جيڪب آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ڊسٽرڪٽ جج ڄامشورو
(روبرو جناب علي احمد جان)
سڪسيشن سوٽ نمبر 12 سال 2026

(1) مسمات سرداران بيواهه احسان علي (2) فيضان ولد احسان علي (3) محمد حسين ولد احسان علي (4) اسرار احمد ولد احسان علي (5) سنبل ڌيءِ احسان علي سيريل نمبر 2 کان 5 مائنر معرفت ماءُ رهاڻو گهر نمبر 28 Sapphir ليبر ڪالوني ڪوٽڙي ..ايپليڪنٽ. بخلاف. (1) مسمات زرينا بيگم بيواهه بهادر الدين رهاڻو گهر نمبر 28 Sapphir ليبر ڪالوني ڪوٽڙي ...اپوننٽس

مٿين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين ايپليڪنٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي يي درخواست زير قلم 32 رول 3 آر ڊبليو سيڪشن 151سي پي سي تحت داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي الائيڊ بينڪ انڊسٽريل ايريا ڪوٽڙي جي اڪائونٽ نمبر 0010035996750017 ۾ رقم 96770.65روپيا

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص ماڻهن کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته اسان وٽ يوسي آفيس نالي عبدالعزيز ولد رسول بخش ذات بلوچ وينل ڳوٺ تاج محمد بلوچ ديهه سيهڙڪي تعلقو جهنڊومري درخواست ڏني آهي ته سندس والدين رسول بخش ولد محمد هوت بلوچ تاريخ 09-06-2022وفات ڪري ويو هو ته جڏهن سندس والده نورخاتون زال رسول بخش تاريخ 14-01-2018 تي وفات ڪري وئي جن جي وفات جي تصديق بن شاهدن هرهڪ 1 فضل لرحمان ولد لال بخش. 2 عبدالسلام ولد سعيدمحمد هوت يوسي داسوڙي آفيس ۾ حاضري ۾ بيان ڏنو آهي نالي فوتي رسول بخش تاريخ 09-06-2022 تي وفات ڪري ويو هو ۽ والده نورخاتون تاريخ 14-01-2018 وفات ڪئي آهي ۽ هيٺيان وارث آهن تن ۾ 1 درياخاتون زال عبدالله ڌي. 2 عبدالحڪيم پٽ.3 لال جان پٽ.4 مدوڪا ڌي. 5. ايوب پٽ.6 حميدان زال محمد ڌي. وارث ڇڏيا آهن جن جا والدين فوت ٿي ويا تنهن ڪري هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته هن فوتي سرٽيفڪيٽ جاري ٿيڻ تي ڪنهن به ڪو اعتراض هجي ته اخباري بيان اچڻ تي

ڪيس رپورٽ ٿيا. انهن ۾ 218 قتل، 138 اغوا، 124 خودڪشيون، 104 ريپ/ جنسي زيادتي، 74 گهريلو تشدد، 72 غيرت جي نالي تي قتل، 35 جبري شاديون ۽ 7 حراسان ڪرڻ/زخمي ڪرڻ جا واقعا شامل هئا. جاگرافيائي لحاظ کان خيرپور (75 ڪيس)، لاڙڪاڻو (55)، دادو (45)، سکر (40) ۽ گهوٽڪي (35) تشدد جا اهم مرڪز رهيا. هر ضلعي ۾ تشدد جا مختلف طريقا سامهون آيا، جن ۾ غيرت

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY
پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی

بولیاں مطلوب ہیں

درج ذیل دفتر کی جانب سے پی پی آر اے رُول نمبر (b)36 کے مطابق درج ذیل ضروریات کے لیے انکم ٹیکس اور سیلز ٹیکس ڈپارٹمنٹس سے رجسٹرڈ درست این ٹی این اور جی ایس ٹی سرٹیفکیٹس کے حامل اور ایف بی آر کے فعال ٹیکس دہندگان کی فہرست میں شامل بولی دہندگان سے پاکستانی روپے میں بولیاں مطلوب ہیں:

S. No.	Description & Bid No.	Fixed Bid Security (PKR)	Bid Submission Date & Time	Bid Opening Date, Time & Place	Basis PKR (Price)
01	SLA for the maintenance & support of wireless network equipment (Ruckus) at FIAP, Faisalabad for the period of one (01) year **I.T.No. HQPAA/2405/066/XXIT**	95,672/-	12-10-2026 1100 Hours	12-10-2026 1130 Hours (IT Branch HQPAA)	F.O.R

بولیاں، پی پی آر اے ای پاک ایکویزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم EPADS V2.0 ویب پورٹل https://vendors.epads.gov.pk پر (بلا معاوضہ) دستیاب بولی دستاویزات میں بیان کردہ شرائط کے مطابق جمع کروائی جاسکتی ہیں۔ بولی دہندگان کا بولی دستاویزات اور الیکٹرونک بولی جمع کروانے سمیت دیگر متعلقہ معلومات تک رسائی کے لیے ای پاک ایکویزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم پی پی آر اے (وفاق) کے ساتھ رجسٹر ہونا ضروری ہے۔

بولیاں، بند ہونے کے وقت اور تاریخ سے قبل پی پی آر اے ای پاک ایکویزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم EPADS V2.0 ویب پورٹل https://vendors.epads.gov.pk کے ذریعے لازماً الیکٹرونکلی کے ساتھ ساتھ ٹھوس شکل میں بھی (سربمہر لفافے میں) بولی دستاویزات میں فراہم کردہ مخصوص طریقہ کار کے مطابق اچھی طرح پُر کرکے تمام منسلک درکار معلومات کے ساتھ درج ذیل پتے پر مجوزہ شیڈول پر یا اُس سے قبل جمع کروائی جائیں بصورتِ دیگر جمع کروائی گئیں بولیوں پر غور نہیں کیا جائے گا۔ برقی بولیاں بذریعہ EPADS V2.0 اُسی دن دیے گئے وقت پر کھولی جائیں گی۔

EPADS پر رجسٹریشن اور ٹریننگ کے لیے یا EPADS استعمال کرنے میں کسی تکنیکی دشواری کی صورت میں، ممکنہ بولی دہندگان جناب رضوان محمود ڈائریکٹر MIS پی پی آر اے، کمرہ نمبر 109، پہلی منزل، FBC بلڈنگ، سیکٹر G-5/2، اسلام آباد (رابطہ نمبر 051-111-137-237) سے رابطہ کر سکتے ہیں۔ یا جو وینڈرز اب تک نئے EPADS ورژن 2.0 پر رجسٹرڈ نہیں ہوئے ہیں وہ https://vendors.epads.gov.pk پر خود کو رجسٹر کر سکتے ہیں۔ ایک ٹیوٹوریل https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc پر رجسٹریشن پروسس کی وضاحت کے لیے موجود ہے۔

[نوٹ: تمام ممکنہ بولی دہندگان فوری طور پر پی اے اے کو بولی کھلنے کی تاریخ اور وقت سے قبل آگاہ کریں گے اور فعال ٹیکس دہندگان کی فہرست (100 فیصد عمل درآمد کے ساتھ) کا ثبوت اور ایف بی آر کے جی ایس ٹی/این ٹی این سرٹیفکیٹس درج ذیل پتے پر جمع کروائیں گے۔]

بولی ضمانت لازماً برقی بولی کے ساتھ اَپ لوڈ کی جائے گی اور اصل کاپی بولی کھولنے کے وقت جمع کروانا ہوگی، ناکامی کی صورت میں بولی قابلِ قبول نہیں ہوگی۔

معاہدے کی کارکردگی کے لیے مہلت: معاہدے اور ضمانتی عرصے کی اطمینان بخش تکمیل تک ہے۔

پی اے اے معقول وجوہات کی بنا پر کسی یا تمام بولیوں کو منظور/مسترد کرنے کا حق محفوظ رکھتی ہے جو بولی دہندگان کی درخواست پر بتا دی جائیں گی۔

یہ اشتہار پی اے اے کی ویب سائٹ www.paa.gov.pk اور پی پی آر اے کی ویب سائٹ www.ppra.org.pk پر بھی موجود ہے۔

انتباہ: بولی دہندہ کی جانب سے جمع کردہ کسی قسم کا مالی انسٹرومنٹ، اگر جعلی نکلا یا کسی مرحلے پر ڈس آنر ہوگا تو اس کا نتیجہ بلیک لسٹ قرار پانے کی صورت میں برآمد ہوگا اور اس کے خلاف قانون کے مطابق عدالتی کارروائی عمل میں لائی جائے گی۔

ایڈیشنل ڈائریکٹر، آئی ٹی
آئی ٹی برانچ، ہیڈکوارٹرز پاکستان ایئرپورٹس اتھارٹی، جناح انٹرنیشنل ایئرپورٹ، کراچی، پاکستان
ٹیلیفون: 021-9907-2187 فیکس: 021-9924-2181

PID(K)925/26

---

www.hbfc.com.pk

hbfc House Building Finance Company Limited

ADDENDUM
Expression of Interest (EOI) for Appointment/Prequalification of Advertising Agencies for HBFC 2026-2028
Correction/Clarification in EOI Document-EPADS v 2.0

Reference Advertisement for the above-cited EOI Ref. No. HBFC/HOK/GSD/2026/08, published in newspapers i.e. Daily Dawn and Daily Jung (Ref: PID K.805/26), dated September 10, 2026; HBFC Website and PPRA Website for 'Appointment/Prequalification of Advertising Agencies for HBFC 2026-2028'.

- **All prospective applicants are hereby requested to submit proposals online through EPADS v 2.0, any physical proposal will not be entertained.**
- **Submission date is extended till 5th October, 2026.**

The said EOI has also been uploaded on EPADS V 2.0 under the Framework Agreement.

Other terms and conditions of the above EOI shall remain the same.

Head PMD and GSD
House Building Finance Company
3rd Floor, FTC Building, Shahrah-e-Faisal, Karachi
Tel: 021-35641711-15 Ext: 752/755/735

PID K.927/26

زرعي يونيورسٽي ۾ ڪرسي تي ويهڻ تان ٿيل جهيڙي جو فيصلو 3 لک رپيا ڏنڊ

چيئرمين شفقت حسين شاهه ۽ شرجيل انعام ميمڻ جي پي اي اعجاز ڪوسو جي سرپرستي ۾ فيصلو ڪيو ويو

فيصلي دوران ٻنهي ڌرين جون ڳالهيون ٻڌڻ بعد مڪراڻي برادري کي جهيڙي ۾ ڏوهي قرار ڏنو ويو

زخمين جي علاج ۽ خرچن لاءِ مڪراڻي برادري تي 2 لک رپيا ۽ ڪليري برادري تي 1 لک رپيا ڏنڊ مقرر

ٽنڊوڄام (ت ر) زرعي يونيورسٽي ۾ ڪرسي تي ويهڻ تان مڪراڻي ۽ ڪليري برادرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي جو فيصلو مڪراڻي برادري ڏوهي قرار مجموعي طور 3 لک رپيا ڏنڊ ڏيڻا پوندا. خبر موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ ڪلاس ۾ ڪرسي تي ويهڻ واري معاملي تان
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: مڪراڻي ۽ ڪليري برادرين وچ ۾ ٿيل جهيڙي جو نبيرو ٿي رهيو آهي

گمبٽ ويجهو ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر سبب بئنڪ مئنيجر فوت، هڪ ڄڻو زخمي

قومي شاهراهه روڊ تي پيپري پل وٽ پيش آيل حادثي ۾ ذوالفقار ابڙو فوت ۽ رفيق قلپوٽو زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون پهچي لاش ۽ زخمي کي ڪڍائي گمس اسپتال منتقل ڪيو

گمبٽ (رپورٽ: مريد ٽالپوري) گمبٽ قومي شاهراهه روڊ تي پيپري پل وٽ تيز رفتار ڪار جو موٽر سائيڪل زوردار ٽڪر لڳڻ سبب نيشنل بئنڪ کهڙا برانچ جو مئنيجر ذوالفقار ابڙو ڦٽجي تي فوت ۽ حاجي رفيق قلپوٽو شديد زخمي ٿي پيو جڏهن ته ريسڪيو 1122 ۽ پوليس لاش ۽ زخمي کي گمس اسپتال گمبٽ منتقل ڪيو جتان ضروري ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پوليس ڪار ڊرائيور کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي.

گمبٽ: ڪار جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويل بئنڪ مئنيجر فوت ۽ زخمي

حيدرآباد ۾ هاري ويلفيئر پاران ”سنڌ ۾ هارين جي حقن جي سال 2025ع جي رپورٽ“ پڌرائي تقريب

سنڌ ۾ ڪروڙين هارين جا آئيني، قانوني، جمهوري، انساني ۽ اخلاقي حق پائمال ڪيا پيا وڃن: اڪرم خاصخيلي

هارياڻين کي ورثي ۾ ملندڙ زمين ۽ روينيو ريڪارڊ ۾ تبديل ٿيڻ واري معاملي کي ڏسڻ جي ضرورت آهي: اقبال ڏيٿو

ايڇ آر سي پي هارين کي زميندارن جي ظلم کان بچائڻ ۽ نجي جيلن مان آزاد ڪرايو آهي، هارين کي سمورين مراعتون ملڻ گهرجن: غفران آرائين

هارين جي حقن جا ايڪٽ نه ٺهيل آهن پر انهن تي ڪوبه عملدرآمد نٿو ٿئي، سنڌ جا هاري اڄ به جبري پورهئي ڪرڻ تي مجبور آهن: پونم ڪماري ۽ ٻين جو خطاب

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) سنڌ ۾ جبري پورهئي جي خاتمي ۽ زمين ايگريڪلچر ورڪرز ايڪٽ تي عملدرآمد نه ٿي سگهيو سنڌ جي مختلف علائقن ۾ ظالم زميندارن جا نجي جيل ۽ ڪارڄر سيل
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

سنڌ ۾ 468 مرد، 391 عورتون ۽ 452 ٻار جبري پورهئي مان آزاد ڪرايا ويا: رپورٽ

سرن جي ڀٺن ۽ زرعي شعبي مان 1,311 مزدورن کي آزاد ڪرايو ويو

زرعي عورت مزدور قانون مؤثر نموني لاڳو نه ٿيڻ هيٺين سطح تي آگاهي ۽ تحرڪ جي کوٽ جي نشاندهي

حيدرآباد: سنڌ ۾ هارين جي حقن لاءِ جاکوڙيندڙ تنظيم هاري ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران سنڌ ۾ هارين جي حقن
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سال 2025ع ۾ سنڌ ۾ عورتن ۽ ڇوڪرين خلاف تشدد جا 772 ڪيس رپورٽ ٿيا

حيدرآباد: رپورٽ مطابق سال 2025ع ۾
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۾ ٽن ڏينهن وارو ”مريضن جي حفاظت جو هفتو“ پڄاڻي تي پهتو

پيرا ميڊيڪس، نرسز ۽ ڊاڪٽرن لاءِ خصوصي تربيتي سيشن ايمرجنسي ۾ محفوظ ۽ بروقت طبي سهولتن تي تربيت

مريضن جو تحفظ معياري طبي خدمتن جو بنيادي حصو آهي، اهڙين سرگرمين مستقبل ۾ به جاري رهنديون: ارشاد ڪاظمي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد جي شعبي ايمرجنسي جي اهتمام هيٺ ٽن ڏينهن وارو ”مريضن جي حفاظت جو هفتو“ ڪاميابي سان پڄاڻيءَ تي پهتو. تربيتي پروگرام 15 کان 17 سيپٽمبر 2026ع تائين ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر سيد ارشاد حسين ڪاظمي جي سرپرستيءَ هيٺ پيرا ميڊيڪس هال ۾ منعقد ٿيو پروگرام ۾ ڊاڪٽر رافيه رجسٽرار ايڊمن شعبو ايمرجنسي اسپتال لڪن ۽ پروگرام ڪوآرڊينيٽر جي حيثيت سان پروگرام جي رابطي ۽ انتظامي معاملن جون ذميواريون نڀايون تربيتي پروگرام جو
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: لمس يونيورسٽي اسپتال جي تقريب ۾ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ارشاد حسين ۽ اي ايم ايس سليم شيخ شريڪ آهن

سکر واسي جو نئين پاءُ جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي بچل شاهه جي رهواسي چوهاڻ برادري جي معزز
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

دادو: فوت ٿيل پيرسن جو لاش پيل آهي

دادو ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب 7 ٻارن جو پيءُ فوت، گهر ۾ ڪهرام

دادو (د ر) دادو شهر جي حسن آباد ڪالوني جو رهواسي پيرسن گهٽي مان گذري رهيو هو ته اوچتو بجلي جي تار سان ٽڪرائجي پيو نتيجي ۾ 7 ٻارن جو پيءُ 55 سالا عبدالمجيد ولد عالم ببر بجلي جو ڪرنٽ
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور پوليس پاران مختلف مقابلن ۾ ٽن ڌاڙيلن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڌاڙيلن سان مقابلا اي سيڪشن، شاهه حسين ۽ ڪنگري ٿاڻن جي حدن ۾ ٿيا: ايس ايس پي امير سعود

مقابلن دوران بدنام ڌاڙيلن ۾ ياسين ميربحر، مدثر انصاري ۽ حسن قلپوٽو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو

گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 3 پستول ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور ۾ ٽن پوليس مقابلن دوران ٽي بدنام ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيا آهن ايس ايس پي امير سعود مگسي خيرپور ۾ ٽن مختلف پوليس مقابلن دوران ٽن بدنام زمان
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم: مبينه پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار جوابدار اسپتال داخل آهي

ٽنڊوآدم پوليس پاران مقابلي ۾ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي ٿاڻي جي حد نادر فارم پرسان گشت دوران سٽي پوليس ۽ هٿياربندن وچ ۾ مبينه فائرنگ جي ڏي وٽ جي نتيجي ۾ پوليس هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس 2 ساٿي اونداهي جو فائدو وٺي فرار ٿي ويا. پوليس موجب ڪن هٿياربندن پوليس موبائيل کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن تي پوليس
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڊيپلو شهر جا تعليمي ادارا زبون حال، گرلس مڊل اسڪول 6 سالن کان بند

هائير سيڪنڊري اسڪول جي نئين عمارت ۾ ڏار، ڇت مان ڇاپوڙا ڪرڻ لڳا

استادن، فرنيچر، پاڻي ۽ واشرومن جي کوٽ جون شڪايتون، اعليٰ اختيارين کان نوٽيس جو مطالبو

بدين (د ر) ڊيپلو شهر جا تعليمي ادارا تباهيءَ جي ڪناري تي پهچي ويا گرلس مڊل اسڪول 6 سالن کان بند نيائين لاءِ اعليٰ تعليم جا دروازا بند ٿي ويا انتظاميا اڳهور نند سٽل سياسي سماجي حلقن ۾ ڳڻتي تعليم بحال ڪرڻ جي گهر خبر موجب ڊيپلو شهر جا سمورا تعليمي ادارا زبون حال بڻجي ويا آهن هائير سيڪنڊري اسڪول ڊيپلو جي عمارت 5 سال اڳ تعمير ٿي هئي جيڪا ناقص مٽيريل جي استعمال سبب ڇت مان ڇاپوڙا ڪرڻ لڳل ۽ پٿين ۾ به ڏار پئجي ويا آهن لکين رپين جي ماليت جا ڪمپيوٽر آپريٽر نه هئڻ سبب
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ سنڌ ٿيٽر فيسٽيول اڄ شروع، مختلف فنڪارن جا 10 ڊراما پيش ٿيندا

آرٽس ڪائونسل ڪراچي جي سهڪار سان فيسٽيول 27 سيپٽمبر تائين جاري رهندو

افتتاحي تقريب ۾ محمد احمد شاهه خاص مهمان هوندو، عوام لاءِ داخلا مفت رکڻ جو اعلان

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي ۽ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو جي گڏيل سهڪار سان 10 ڏينهن وارو ”سنڌ ٿيٽر فيسٽيول 2026 لاڙڪاڻو“ اڄ 18 سيپٽمبر تي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻو ۾ شروع ٿي رهيو آهي ”سنڌ ٿيٽر فيسٽيول 2026 لاڙڪاڻو“ جو افتتاح اڄ جمعي ڏينهن شام جو ساڍي 7 وڳي آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان لاڙڪاڻي ۾ افتتاح ڪيو ويندو افتتاحي تقريب جو خاص مهمان آرٽس
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: شهري مهم ۽ ووٽر ورڪشاپ کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيو آهي

سڄاول لڳ مڇي جي تلاءَ مان نوجوان جو لاش هٿ، وارثن پاران قتل جو شڪ ظاهر

ڳوٺ حاجي ملاح ۾ مڇي جي تلاءَ مان محرم ملاح جو لاش هٿ آيو اسپتال منتقل

نوجوان جي موت بابت خدشا آهن واقعي جي جاچ ڪري حقيقتون سامهون آنديون وڃن: وارث

سڄاول (د ر) سڄاول لڳ بيلو شهر پرسان ڳوٺ حاجي ملاح ۾ مڇي جي تلاءَ مان نوجوان جو لاش هٿ اچڻ سبب علائقي ۾ ڳڻتي پکڙجي وئي. لاش جي سڃاڻپ محرم ملاح جي نالي سان ٿي آهي جيڪو
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

راڻي پور ۽ پرياسي ۾ وزيراعظم پيٽروليم رليف اسڪيم تي عمل نه ٿيڻ جون شڪايتون

موبائل فون تي رليف ٿيڻ ميسيج نه موصول ٿيا آهن ۽ پمپ وارا ڏيڻ کان جواب ڏين پيا: رهواسي

رليف نه ڏيندڙ پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي ڪري عوام کي حقيقي فائدو فراهم ڪيو وڃي

راڻي پور (ن ع) راڻي پور ۽ پرياسي وارن علائقن ۾ وزيراعظم پاران اعلان ڪيل پيٽرول رليف اسڪيم تي عمل نه ٿيڻ سبب شهرين ۾ سخت مايوسي ۽ بيچيني پکڙجي وئي ان حوالي سان راڻي پور واسين
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

تعلقي سپروائيزر ۾ ڪٽڪ جو گهوٽالو الزام ۾ اي سي سميت عملدار معطل

سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه نوٽيس وٺندي اي سي، مختيار، ڊي ايف سي ۽ ٻين کي معطل ڪيو

هنگورجا (ن ع) تعلقي سپروائيزر ۾ ڪٽڪ جو گهوٽالو، اي سي سپروائيزر مختيار ڪار سپروائيزر ڊي ايف سي خيرپور سسپنڊ چيف سيڪريٽري سنڌ آصف حيدر شاهه نوٽيفڪيشن جاري ڪندي پنهنجي آرڊر ۾ تعلقي سپروائيزر اندر ڪٽڪ جي خريد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ اي سي سپروائيزر شاهه محمد چانڊيو، مختيار ڪار سپروائيزر وقار احمد شيخ، ڊي ايف سي خيرپور مشتاق احمد شيخ، فوڊ انسپيڪٽر پير بخش جوڻو کي معطل ڪري ڇڏيو

لاهور: هڪ ٽانگي تي ٻارڙا ۽ ساٿي سوار ٿي رهيا آهن

اسلام آباد: ملائيشيا ڏسو هفتي جي افتتاحي تقريب ۾ رقص ڪيو پيو وڃي

ٽنڊومحمدخان جي رهواسين جو واٽر سپلائي جي پاڻي جي فراهمي بند ٿيڻ خلاف ڌرڻو

مظاهرين سجاول روڊ تي احتجاجي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا آهن، روڊ بلاڪ، ٽريفڪ معطل

19 ڏينهن کان واٽر سپلاءِ جي پاڻي جي فراهمي بند آهي، لکت ۾ درخواست ڏيڻ باوجود تدارڪ ناهي ٿيو: مظاهرين

انتظاميه کي پاڻي فراهمي لاءِ لکين رپين جو فنڊ ملي ٿو، اعليٰ سطح تي جاچ ڪرائي ملوث عملدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان جي شهري علائقي ٽالپر ڪالوني ۾ گذريل 19 ڏينهن کان مسلسل واٽر سپلاءِ جي پاڻي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سکر پرسان جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ گولين هڻي نوجوان ناري کي قتل ڪري ڇڏيو

گوسڙجي واري علائقي ۾ جوابدارن گهر ۾ فائرنگ ڪري ناري سعديه ڌيءَ قربان مهر کي قتل ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پرسان جوابدارن ڪارنهن الزام هيٺ گوليون هڻي نوجوان ناري کي قتل ڪري ڇڏيو سکر پرسان تماچاڻي ٿاڻي جي حد گوسڙجي واري علائقي ۾ جوابدارن گهر ۾ فائرنگ ڪري ناري سعديه ڌيءَ قربان مهر کي قتل ڪري ڇڏيو پوليس موجب، جوابدارن فائرنگ ڪري سعديه مهر کي قتل ڪيو جڏهن ته ناري جي ويجهي رشتيدار مختيار مهر پوليس کي ٻڌايو آهي ته جوابدارن گوليون هڻي سندس ڀائٽي سعديه کي قتل ڪيو.
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: عورت کي معصوم پٽ سميت مبينا اغوا ڪري قيد رکڻ خلاف وارث احتجاج ڪندي

جنگشاهي پرسان بهاءُ الدين ذڪريا ايڪسپريس جي انجڻ کي اوچتو باهه

ڊرائيور ٽرين روڪي انجڻ کي بوگين کان ڌار ڪيو، وڏي حادثي کان بچي وئي

ٺٽي کان فائر برگيڊ ۽ ريسڪيو ٽيمون روانيون، باهه تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪوششون

ٺٽو (د ر) جنگشاهي لڳ ساڌورو ريلوي اسٽيشن پرسان ملتان کان ڪراچي ويندڙ بهاءُ الدين ذڪريا ايڪسپريس ٽرين جي انجڻ کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي مسافرن ۾ خوف و هراس ٽرين جي ڊرائيور هوشياري کان ڪم وٺندي ٽرين کي وڏي خوفناڪ واقعي کان بچائي ورتو هنگامي بنيادن تي ٽرين کي روڪي بوگين کي انجڻ کان ڌار ڪيو ويو انجڻ کي لڳل باهه تي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش جاري ٺٽي کان وڌيڪ فائر برگيڊ ۽ ريسڪيو ٽيمون روانيون ڊرائيورن جي بروقت اطلاع ۽ حاضر دماغي سبب ٽرين وڏي حادثي کان بچي وئي آهي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ عوامي راڄ تحريڪ پاران سنڌ مخالف منصوبن خلاف احتجاجي مظاهرو

ڪارڪنن سليم الله قلپوٽو، نعيم الله سهاڳ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سنڌ ۾ نوان صوبا ۽ انتظامي يونٽ ناهڻ وارو بيان ملڪ ۾ بحران پيدا ڪري ڇڏيو آهي

خيرپور (د ر) عوامي راڄ تحريڪ جي ڪارڪنن پاران سنڌ ورهائڻ واري سازش خلاف سيشن ڪورٽ روڊ تي احتجاجي ڪيمپ قائم ڪئي وئي احتجاجي ڪيمپ جي اڳواڻي سليم الله قلپوٽو، نعيم الله سهاڳ، راڄ ڪمار، راجا قلپوٽو، علي محمد جلباڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا جڏهن ته احتجاجي ڪيمپ تي ويٺل نوجوانن سان اظهار يڪجهتي لاءِ سنڌ بار ڪائونسل جو ميمبر سيد جعفر علي شاهه وڪيلن سان گڏ پهتو ان موقعي تي
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ويجهو ملڪ ۽ لولائي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، عورت سميت 2 زخمي

ڳوٺ ميهر ملڪ ۾ زمين جي مالڪي تان ڌرين هڪٻئي تي لٺين جو وسڪارو ڪيو

زخمي مائي موران لولائي ۽ ٻي ڌر جو چاڪر ملڪ علاج لاءِ اسپتال اندر ويو

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو ڪرڙو ملڪ واري علائقي جي ڳوٺ ميهر ملڪ ۾ زمين جي مالڪي تان ملڪ ۽ لولائي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي دوران لٺيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا عورت سميت 2 ڄڻا زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ هڪ ڌر جي مائي موران لولائي ۽ ٻي ڌر جو چاڪر ملڪ شامل آهن جن کي علاج لاءِ خانپورمهر جي شيخ همدان بن محمد اسپتال منتقل ڪيو ويو هوڏانهن واقعي بابت خانپورمهر ٿاڻي تي رپورٽ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: هڪ نوجوان مڪئي جا سنگ وڪرو ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ سهولتن جي کوٽ خلاف رهواسين جو معصوم ٻارڙن سان گڏجي مظاهرو

سهيل ۽ علي ڪالوني ۾ 15 سالن کان بجلي، گئس ۽ ڊرينيج جون سهولتون ناهن: اڳواڻ

بلاول ڀٽو، فريال ٽالپر ۽ چونڊيل نمائندا نوٽيس وٺي بنيادي سهولتون فراهم ڪن: مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سهيل ۽ علي ڪالوني جي رهواسين پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري نعريبازي ڪئي ان موقعي تي علائقي واسين قاري عبدالرحيم ابڙو ڊاڪٽر شوڪت ابڙو عبدالستار تنيس محمد جمن شيخ ياسين تنيس خادم ڪوسو ۽ ٻين پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته گذريل 15 سالن کان وٺي سهيل ۽ علي ڪالونين ۾ بنيادي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

گيهچاڻي لڳ هٿياربند پيپري مالڪ ۽ گراهڪن کان لکين رپيا ۽ سامان ڦري ويا

سرورآباد اسٽاپ تي موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن سيٺ مهيش جي پيپري تي ڪاهه ڪئي

هٿياربند پرڦمان بڻائي 2 لک روڪ ۽ موبائيل فون ڦري فرار ٿي ويا آهن، انصاف ڪيو وڃي: متاثر

گيهچاڻي (ن ع) گيهچاڻي ويجهو سرورآباد اسٽاپ ۾ ڏينهن ڏٺي جو ون ڪو فائيو موٽرسائيڪل تي سوار 3 اڻڄاتل هٿياربند سيٺ مهيش جي پيپري ۾ داخل ٿي ڪين
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

شڪارپور گرلز هاءِ اسڪول ۾ شهري مهم ۽ ووٽر تعليم پروگرام منعقد ڪري آگاهي ڏني وئي

شڪارپور (د ر) گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول هزاريدر شڪارپور ۾ سينئر هيڊ مسٽريس ميڊم روبينا سوهو هيڊ مسٽريس ميڊم فوزيه لوهر جي نگراني ۾ نوجوانن ۽ عورتن لاءِ ووٽرن جي تعليم تي هڪ اهم شهري مهم شروع ڪئي جنهن
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ٻهراڙي جا ساٿهو مال لاءِ گاهه ڪري گهر موٽي رهيا آهن

قاسم آباد ۾ ناري سان مبينا زيادتي جي ڪيس ۾ ڊاڪٽر نياز چنا جي ضمانت رد

سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج حيدرآباد خانگي ڪلينڪ جي ڊاڪٽر جي ضمانت رد ڪري ڇڏي

فريادي ڌر ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ جي معرفت درخواست داخل ڪرائي، ايڊووڪيٽ اياز تنيو جوابدار ڌر جو وڪيل هو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سيڪنڊ ايڊيشنل سيشن جج حيدرآباد، قاسم آباد جي هڪ خانگي ڪلينڪ سان لاڳاپيل ڊاڪٽر نياز چنا تي هڪ ناري سان مبينا طور زيادتي جي ڪيس ۾ ملزم جي ضمانت رد ڪري ڇڏي آهي. فريادي ڌر سنڌ جي ناميارن وڪيل ايڊووڪيٽ عبيدالله چچڙ جي معرفت ملزم جي ضمانت رد ڪرائڻ لاءِ درخواست داخل ڪرائي جڏهن ته جوابدار ڌر جو وڪيل صدر هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن حيدرآباد اياز حسين تنيو ايڊووڪيٽ هو.

ميونسپل ڪميٽي بدين کي نئين فائر برگيڊ گاڏي فراهم، شهرين جي تحفظ لاءِ اهم قدم

چيئرمين پير محمد صالح قريشي، وائيس چيئرمين ۽ ڪائونسلرن مان گڏ فائر برگيڊ اسٽيشن جو دورو ڪري گاڏي جو معائنو ڪيو

نئين گاڏي سان هنگامي حالتن ۾ فوري امدادي ڪارروائين ۽ باهه تي ضابطو آڻڻ ۾ سهولت ملندي: چيئرمين

بدين (د ر) ميونسپل ڪميٽي بدين کي نئين فائر برگيڊ جي فراهمي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پير محمد صالح قريشي پاران پارٽي قيادت جا ٿورا مڃيا ميونسپل ڪميٽي بدين جي چيئرمين پير محمد صالح قريشي نئين فائر برگيڊ گاڏي جي فراهمي جي موقعي تي وائيس چيئرمين علي اڪبر ميمڻ، فوڪل پرسن عبدالڪريم آروڙيجي ٻين ڪائونسلرن ۽ ميونسپل ڪميٽي جي اسٽاف سان گڏ فائر برگيڊ اسٽيشن جو دورو ڪري گاڏي جو معائنو ڪيو انهي موقعي تي چيئرمين ميونسپل ڪميٽي بدين پير محمد صالح
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

دادو پرسان جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل ٻيو زخمي

چودگي ۾ جمالي برادري جي ڌرين ۾ جهيڙي دوران فائرنگ سبب راهب علي مارجي ويو

گولين لڳڻ سبب غلام قادر جمالي سخت زخمي ٿي پيو، لاش ۽ زخمي اسپتال منتقل

ٻئي ڌريون پاڻ ۾ ويجها مائٽ آهن، ٻارن جي معمولي ڳالهه ۽ موبائل جي سودي تان جهيڙو ٿيو: ذريعا

دادو (د ر) دادو پرسان چودگي ۾ جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڄڻو راهب علي پٽ رحيم بخش جمالي مارجي ويو جڏهن ته غلام قادر پٽ محمد خان جمالي سخت زخمي ٿي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ ۾ پاڻي ٽينڪر هيٺان اچي معصوم ٻارڙو فوت، رهواسين جو احتجاج

خورشيد چوڪ وٽ پاڻي جي ٽينڪر جي ٽڪر سبب فرقان پٺاڻ سخت زخمي ٿيو

ڪراچي ٽراما سينٽر منتقل ڪرڻ دوران معصوم ٻارڙو رستي ۾ دم ڏئي ڇڏيو، علائقي ۾ ڏک ۽ ڪاوڙ جي لهر

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي سائيٽ پاڻي جي ٽينڪر هيٺان اچي 4 ورهين جو معصوم ٻارڙو فوت ڪوٽڙي جي خورشيد چوڪ وٽ پاڻي جي ٽينڪر جي ٽڪر ۽ چيپاٽجڻ سبب 4 ورهين جو معصوم ٻارڙو فرقان پٺاڻ سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪوٽڙي جي اسپتال منتقل ڪيو ويو طبيعت وڌيڪ خراب ٿيڻ تي ٻارڙي کي حيدرآباد منتقل ڪيو ويو جتان ڊاڪٽرن ڪيس وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي ٽراما سينٽر منتقل ڪرڻ جي هدايت ڪئي ڪراچي منتقل ڪرڻ دوران ٻارڙو رستي ۾ ئي دم ڏئي حوالي ڪري ويو.
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: زخمي ٻار کي اسپتال ۾ طبي امداد ڏني پئي وڃي

بوزدار وڏا ۾ ڳوٺاڻن جو چوري ٿيل ٻڪرين جي واپسي لاءِ احتجاج، انصاف جو مطالبو

بوزدار وڏا (ن ع) بوزدار وڏا پرسان ڳوٺ محمد بڇل ڀٽ ۾ گهر مان مبينا طور سوا 2 لک رپين جون ٻلوڙ نسل جون ٻ
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي: ميرواهه گورچاڻي پوليس اسٽيشن ۾ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي مائوٿ اسڪيننگ ڪئي پئي وڃي

ڏگهڙي ميرواهه گورچاڻي پوليس اسٽيشن ۾ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي مائوٿ اسڪيننگ

صحت کي اولين ترجيح ڏيندي پوليس اهلڪارن جي مائوٿ اسڪيننگ جو عمل ڪئين ڏينهن ڏينهن به جاري رهيو

منشيات جي استعمال جي روڪٿام لاءِ پوليس کاتي اندر به اهڙا قدم کڻڻ ضروري آهن

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي پرسان ميرواهه گورچاڻي پوليس اسٽيشن ۾ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي مائوٿ اسڪيننگ، منشيات کان محفوظ رکڻ جو عزم. پوليس فورس جي صحت ۽ ڀلائي کي اولين ترجيح ڏيندي پوليس اهلڪارن جي مائوٿ اسڪيننگ جو عمل ڪئين ڏينهن به جاري رهيو ان سلسلي ۾ ڏگهڙي سان لڳندڙ شهر ميرواهه گورچاڻي جي پوليس اسٽيشن ۾ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي مائوٿ اسڪيننگ ڪئي وئي پوليس اختيارين موجب مائوٿ اسڪيننگ جو عمل ڊي آءِ جي ميرپورخاص رينج ۽ ايس ايس پي ساجد
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪنگري شهر ۾ رولو ڪتن جو آزار، رهواسين پاران انتظاميا کان ڪتا مهم

گمبٽ (ت ر) ڪنگري شهر جي مختلف علائقن ۾ رولو ڪتن جو آزار وڌي ويڃ
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ايف بي آر سکر جي ٽيم خيرپور ۾ الشرا سائونڊ ڪلينڪ تي ڇاپو هڻي ليپ ٽاپ سميت ٻيو رڪارڊ ضبط ڪيو

خيرپور (د ر) ايف بي آر سکر جي ٽيم پاران
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

سنڌ جو ورهاڱو قبول ناهي، فيصلو عوام جي مرضي سان ٿي سگهي ٿو: طارق شاهه جاموٽ

سنڌ اسيمبلي ڪيترائي ڀيرا قراردادون منظور ڪري سنڌ جي ورهاڱي واري مطالبي کي رد ڪري چڪي آهي

صوبن جي ورهاڱي جو فيصلو ڪنهن سياسي جماعت جي خواهش تي نه، پر عوام جي مرضي سان ٿي سگهي ٿو

جيڪڏهن پنجاب يا خيبرپختونخواهه جي عوام پنهنجي صوبن جي ورهاڱي جي خواهش رکي ٿي ته اهو فيصلو به انهن جي عوام جي مرضي سان ٿيڻ گهرجي

ٽنڊوڄام (ت ر) پ پ پ ايم اين اي سيد طارق شاهه جاموٽ چيو آهي ته سنڌ جو ورهاڱو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي صوبن جي ورهاڱي جو فيصلو عوام جي مرضي سان ٿي سگهي ٿو اهو ڪيو
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ايم اين اي طارق شاهه جاموٽ اسڪول جو افتتاح ڪري رهيو آهي

هالا لڳ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مبينا مقابلو، هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران جوابدار جا 3 ساٿي فرار، گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري

گرفتار جوابدار ٽنڊي محمد خان پوليس کي 7 ڪيسن ۾ گهربل ۽ اشتهاري قرار ڏنل هجڻ جي دعويٰ

هالا (ت ر) هالا ٽنڊو شهر لنڪ روڊ پرسان پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مبينا مقابلو. فائرنگ جي ڏي وٺ بعد پوليس هڪ جوابدار اعجاز ڪاتيار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته سندس 3 ساٿي فرار ٿي ويا. فرار جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري پوليس دعويٰ ڪئي آهي ته گرفتار ٿيل اعجاز ڪاتيار ٽنڊي محمد خان پوليس کي گهربل
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

هالا: پوليس مقابلي ۾ زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

سيٽارجا ۾ عورت جو مڙس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف ۽ تحفظ جو مطالبو

سيٽارجا (ن ع) سيٽارجا ويجهو ڳوٺ غلام اڪبر لنڊ جي رهواسڻ شادي شده عورت مسمات مسڪان ٻيبي سيٽارجا پهچي پنهنجي مڙس جي مبينا ظلمن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو مسمات
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڙو لڳ ڪار جو ٽرالي سان ٽڪر، هڪ ڄڻو فوت، 4 ڄڻا زخمي

نواب شاهه مين روڊ تي پلال سان ڀريل ٽرالي کي پٺيان کان ايندڙ تيز رفتار ڪار ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ ٽرالي تي موجود مزدور خير بخش بروهي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

فاروق چانهيو، عارب خاصخيلي، عبدالرحمان ڏاهري ۽ حضور زخمي ٿي پيا، اسپتال منتقل

ڪنڊڙو (ن ع) ڪنڊڙو سانگهڙ نواب شاهه مين روڊ تي ايندڙ پلال سان ڀريل ٽرالي کي پٺيان کان ايندڙ تيز رفتار ڪار جو ٽڪر ٿي پيو جنهن نتيجي ۾ ٽرالي تي موجود 22 ورهين جو مزدور خير بخش بروهي سخت
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڙو: روڊ حادثي جو شڪار ٿيل ڪار جو ڏيک

ٽنڊو محمد خان ۾ سارين جي وڪري تي موسچر ڪٽوتي خلاف آبادگارن جو تحريڪ جو اعلان

رائيس مل مالڪن پاران موسچر جي نالي تي ڪٽوتي سان آبادگارن کي لکين رپين جو نقصان پهچي ٿو

بي سي سان ڳالهيون ۾ مطالبا منظور نه ٿيا ته 23 سيپٽمبر تي ڌرڻو ۽ روڊ بلاڪ ڪيو ويندو: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سارين جي فصلن جي لاهارن ڪانپيو وڪري تي رائيس ملن جي مالڪن پاران موسچر نالي تي ڪٽوتي خلاف ضلعو ٽنڊو محمد خان جي آبادگارن احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري ورتو ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر جي اڳواڻ ڪمال نوناري جي ميزباني هيٺ آبادگارن جي احتجاجي ميڙ ۾ پ پ پ اڳواڻ مير سڄاد ٽالپر، سنڌ چيمبر آف ايگريڪلچر سنڌ جي نائب صدر نبي بخش سٿيو ،
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: سنڌ ندي ۾ هڪ ٻيڙي تي مهاڻو مڇي مارڻ لاءِ وڃي رهيو آهي ٻي طرف مينهون ترڳي رهيون آهن

ضلعي گهوٽڪي ۾ هزارن مهانگائي ۽ منافعي خورن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊي سي

خانپورمهر (ن ع) ضلعي گهوٽڪي ۾
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

سکر پوليس پاران مقابلي بعد ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر (بيورو رپورٽ) نيو پنڊ ٿاڻي جي حد ۾
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

پبلڪ نوٽيس
روبرو جناب غلام شاهه
بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ
گيس وصولي دعويٰ نمبر: 30سال 2026.
سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ14- ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجرI.C SSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم ولد قاضي ولد قاضي قادر بخش ذريعي ....مدعي

خلاف

جبار بروهي ولد عبدالوهاب ڪاروبار: چانهه جو دڪان واقع قليلي موري، جامشورو روڊ، لونگ خاصخيلي ڳوٺ پرسان، حيدرآباد
A/C غير رجسٽرڊ FIR نمبر 43/2023 جو جوابدار
جبار بروهي ولد عبدالوهاب............مدعا عليه

ڏانهن،
مٿي ڄاڻايل مدعا عليه
جيئن تہ، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 177,700 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾ 26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.
منهنجي صحي ۽ عدالت جي مهر سان گڏ08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم.............
(رئيس احمد شيخ)
اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ
ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.
BY ORDER
PID K.909/26

پبلڪ نوٽيس
روبرو جناب غلام شاهه
بعدالت ڊسٽرڪٽ جج، حيدرآباد، سنڌ
گيس وصولي دعويٰ نمبر: 33 سال 2026.
سوئي سدرن گيس ڪمپني لميٽيڊ

جنهن جي هيڊ آفيس St-4/B، بلاڪ14- ۾ واقع آهي، اها پنهنجي ڊپٽي مئنيجرSSGC ۽ ليگل سروس حيدرآباد وسيم ولد قاضي قادر بخش ذريعي ....مدعي

خلاف

اشرف خان ولد رحمت الله، ڪاروبار لنڊن ڊيرا ريسٽورينٽ واقع ڳوٺ ٽنڊو غفار جهانيا، سامهون لنڊن ٽائون، قاسم آباد ، حيدرآباد ....مدعا عليه

ڏانهن،
مٿي ڄاڻايل مدعا عليه
جيئن تہ، مٿي ڄاڻايل مدعي اوهان خلاف هن عدالت سڳوري ۾ گيس(چوري ڪنٽرول ۽ وصولي ايڪٽ، 2016)تحت 20٪ مارڪ اپ سميت 727,800 رپين جي وصولي لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، ۽ جڏهن تہ، اوهان ڏانهن نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا پر اهي بغير تعميل جي واپس ٿيا آهن. اوهان کي عام طريقي سان نوٽيس پهچائڻ ممڪن نہ آهي،تنهن ڪري هن اشاعت ذريعي اوهان کي هدايت ڪئي وڃي ٿي تہ اوهان هن عدالت ۾ 26.09.2026تي صبح جو 08:30 وڳي ذاتي طور، يا ڪنهن وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪنهن ٻئي شخص جي معرفت حاضر ٿي، جيڪڏهن ڪي اعتراض هجن تہ داخل ڪريو.جيڪڏهن اوهان پاڻ، اوهان جو وڪيل يا قانون موجب بااختيار ڪو ٻيو شخص حاضر نہ ٿيو،تہ مٿي ڄاڻايل ڪيس اوهان جي غير موجودگي ۾ ٻڌي، ان جو فيصلو ڪيو ويندو.
منهنجي صحي ۽ عدالت جي مهر سان گڏ08 سيپٽمبر 2026 تي جاري ڪيو ويو.

بحڪم.............
(رئيس احمد شيخ)
اسسٽنٽ سپرنٽنڊنٽ
ڊسٽرڪٽ ڪورٽ، حيدرآباد، سنڌ.
BY ORDER
PID K.908/26

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.